اوم شري پرماتمي نمه

بيون اڌياءُ

پهرين اڌياءُ گيتا جو دروازو آهي، اندر داخلا آهي. جنهن ۾ شروع ۾ راهگير کي محسوس ٿيڻ واري اُلجهن جو چٽر آهي. لڙائي ڪرڻ وارا سڀ ڪوروَ ۽ پانڊوَ هئا، پر سنسي جو شڪار ٿيل ڪردار ارجن آهي. موهه ئي ارجن آهي. اِشٽ جي لائق ئي راهگير کي ڪيتر ۡڪيتر گيه کي سنگهرش لاءِ پريرڻا ڏئي ٿو. موهه ۽ پيار شروعاتي تهه آهن. پوجيه مهاراج جي چون ٿا، ”سدگرهست آشرم ۾ رهندي ٻچان اچڻ لڳي، اکين مان پاڻي ڳڙي، گلو سڪي وڃي، ته سمجهي ته هتان ئي پڇڻ شروع ٿي ويو.“ انوراگ موهه ۾ اِهو سڀ ڪجهه اچي ٿو وَڃي. اُن ۾ ڌرم، نيم، ستسنگ ، ڀاوُ سڀ ظاهر ٿيندا.

موهه جي پهرئين ڏاڪي پروار جو موهه رڪاوٽ بڻجندو آهي. پهرين منش چاهي ٿو ته اُن پرم ستيه کي پراپت ڪريان، پر اڳيان وڌندي ڏسي ٿو ته اُنهن منن سنبنڌنن کي جدا ڪرڻو پوندو، تڏهن نراس ٿي ٿو وڃي. هو پهرين کان جيڪي ڌرم ڪرم مڃي ڪندو هوندو، اُن ۾ راضي رهڻ لڳو آهي، سنتوش ڪرڻ لڳو آهي. پنهنجي موهه کي زور وٺائڻ لاءِ هو هلندڙ پرمپرائن جو مثال به پيش ڪري ٿو، جيئن ارجن ڪيو ته ڪُل ڌرم سناتن آهي. يڌ سان سناتن ڌرم گم ٿي ويندءِ، چڙواڳي ڦهلجي ويندي. هيءُ ارجن جو جواب ڪونه هو بلڪ ستگروءَ جي ويجهو رهڻ کان اڳه اپنايل ڪُ ريتي، ڪُرسم وانگر هئي. انهن خراب نيتين ۾ ڦاسي منش آهستي ڌرم، انيڪ پنٿ،

श्री भगवानुवाच
कुतस्त्वा कश्मलमिदं विषमे समुपस्थितम्।
अनार्य जुष्टम स्वर्ग्य मकीर्ति करमर्जुन ।।२।।

شري ڀڳوان اواچ
ڪُتَسِتوا ڪَشِمَلَمِدَمِ وِشمي سَمُپسٿِتَمِ
اَناريہَ جُشِٽَمَ سُورِگيہَ مَڪيرتِي ڪَرَمَرِجُنَ (٢)

ارجن ! هن ڏکئي هنڌ تي توکي اهو اگيان ڪٿان آيو آهي؟ ڏکيو معنيٰ اٽانگي جاءِ جنهنجي سمتا جي سرشٽي ۾ ڪابہ جڳهہ آهي ئي ڪونہ، پرلوڪ آهي منزل جنهنجي، اهڙي بحث نہ ڪرڻ واري جڳهہ تي توکي اگيان ڪٿان ٿيو؟ ارجن تہ سناتن ڌرم جي رڪشا لاءِ تيار آهي. ڇا سناتن ڌرم جي رڪشا لاءِ پراڻ ارپڻ جي لاءِ خواهشمند ٿيڻ اگيان آهي؟ شري ڪرشن چوي ٿو- ها! ها! اهو اگيان آهي. نہ ڀاوڪ پرش دواران وهنوار ڪيو ويو آهي، نہ اهو سرڳہ ئي ڏيڻ وارو آهي ۽ هيءُ ساراهہ ڪرڻ وارو آهي - هن ست مارگہ جو پڪو رسمن ڪان پري آهي، اُن کي آريہ چوندا آهن. گيتا آريہ سنوارڻ واري آهي. پريوار جي لاءِ مرڻ متجڻ جيڪڏهن اگيان نہ هجي ها تہ مهاپرش ان تي ضرور هلن ها. جيڪڏهن ڪُل ڌرم ئي ستيہ هجي ها، تہ سرڳہ ۽ ڪلياڻ جي پوئواري ضرور ڪري ها. هيءُ ڪيرتي ڏيڻ وارو بہ ڪونهي. ميرا ڀڄن ڪرڻ لڳي تہ **”لوڳہ ڪهي ميرا ڀئي بانوري، ساس ڪهي ڪلناشي ري...“** جنهن پريوار ڪُل ۽ مريادا جي ميرا جي سَسُ ڪاوڙجي رهي هئي، اڄ اُن ڪُلونتي سَسُ کي ڪير نٿو سڃاڻي، ميرا کي سڄو سنسار ٿو ڄاڻي. نيڪ اهڙي طرح پريوار جي لاءِ جي پريشان آهن، اُنهن جي ساراهہ بہ ڪيستائين رهندي. جنهن ۾ ڪيرتي ڪونهي، ڪلياڻ ڪونهي، سريشٽ پرش ڀُلجي بہ اهو آچرڻ نہ ڪيو، تہ ان مان اهو سِڌِ ٿيو

ڇوٿا موٿا ميڙ ۽ اڻ ڳڻت جاتين جي رچنا ڪري ڇڏيندو آهي. ڪو نڪ کي ٿو دٻائي، ڪو ڪَن ٿو ڇيرائي. ڪنهن جي ڇهڻ سان ڌرم ناس ٿو ٿئي، تہ ڪٿي ڪاڏي پاڻيءَ سان ڌرم نشٽ ٿو ٿئي.تہ ڇا اهو ڇهڻ واري يا اڇوت جو ڏوهہ آهي؟ اصل نہ. ڏوهہ اسانجي ڀَرَم داتائن جو آهي. ڌرم جي نانوَ تي اسين ڪُرسمن جا شڪار آهيون تنهنڪا اسين ڏوهي آهيون.

مهاتما ٻڌ جي ڏينهن ۾ ڪيش (وار) - ڪمبل (مگہ) هڪ پنٿ هو، جنهن ۾ وارن کي وڌائي مگہ وانگر ڪم آڻيندا هئا ۽ اُن کي پورڻ رهڻ جو شان مڃيو ويندو هو. ڪير ڳانءِ جي ڇيڻي وانگر رهندو هو، تہ وري ڪٿي وانگر ڪائڻ پيئڻ ۾ وارو هو. برهم وديا جو ان سان ڪو بہ لاڳاپو ڪونهي. پنٿ ۽ ڪُرسمون پهرين بہ هيون. انهن مان هڪ اڌ ڪُريت، خراب ريتيءَ جو شڪار ارجن بہ هو، هن چار تَرڪَ، چار سبب ڏنا (١) اهڙيءَ يڌ سان سناتن ڌرم نشٽ ٿيندو (٢) ورڻ سنڪر پيدا ٿيندو (٣) پندن جي ڪِريا ڪِرِت گم ٿي ويندي. (۴) اسين ڪُلڪشيہ دواران پاپ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيون. اُن تي شري ڪرشن چيو:-

सञ्जय उवाच

तं तथा कृपयाविष्टमश्रुपूर्णाकुलेक्षणम्।
विषीदन्तमिदं वाक्यमुवाच मधुसूदनः ।।१।।

سنڄيہ اُواچ

تَم تَٿا ڪِرِپَيا وِشٽم اَشروُ پوُرڻا ڪُليڪشَڻم
وِشيدَنتَمِدَم اُواچ مڌوُ سوُدَنَ (١)

ڪَروڻا سان وپاپت، اکيون پريل وياڪل نيترن واري اُن ارجن جي لاءِ ’’مڌو سودن‘‘ موهہ جو وناش ڪرڻ وارا وچن چيا

تہ اُهو اگيان آهي هاڻي...

क्लैब्यं मा स्म गमः पार्थ नैतत्त्वय्युपपद्यते।
क्षुद्रं हृदयदौर्बल्य त्यक्त्वोत्तिष्ठ परन्तप।।३।।

ڪَلئبيمِ ما سِرَ گَرَهہ پارٿ نئيتَتوَيئُپپدِيتي
ڪشو درمِ هرديدَو رِبليمِ تيڪتووتِشٺَ پَرِنتَپ (٣)

ارجن نامرديءَ کي نہ حاصل ڪر. ڇا ارجن نامرد هو. نامرد اهو آهي جيڪو مردانگي کان هيٺو هجي، وانجهيل هجي. سڀ پنهنجي سمجهہ سان پرشارٿ ئي ڪري رهيا آهن. ڪسان ڏينهن رات خون پسينو هڪ ڪري کيت ۾ پرشارٿ ئي تہ ڪري ٿو. ڪو واپار ۾ پرشارٿ سمجهي ٿو، تہ ڪو وري پنهنجي پد جو دُرِ اُپيوگہ ڪرڻ کي پرشارٿ ٿو سمجهي. سڄي جيون پرشارٿ ڪري بہ هٿين خالي وڃڻو پوندو آهي، ظاهر آهي تہ اهو پرشارٿ نہ آهي. شڌ پرشارٿ آهي ”آتم درشن“ گارگيءَ ياگيولڪ کي چيو:-

नर्पुंसकः पुमान् ज्ञेयो यो न वेत्ति हृदि स्थितम्।
पुरूषं स्वप्रकाशं तस्मानन्दात्मानमव्ययम्।। (आत्म-पुराण)

”نِپوُسَنِڪَهہ پُمانِ گِييو يو نہ ويتي هِردِ اِستِتِمِ
پُروُشِمِ سِوَپرڪاشَمِ تَسمانَندا تِمانُمَويَيَمِ (آتم پراڻ)

هو پرش هوندي بہ نپوسنڪ آهي، جو هردي ۾ استٿ ٿيل آتم کي نٿو سڃاڻي. اُها آتما ئي پرش سِوروپ سويم پرڪاش، اُتم ، آنند يُڪت ۽ اويڪت آهي. اُن کي پائڻ جو پرشارٿ ئي مردانگي (پؤرش) آهي. ارجن ! تون نپونسڪتا نہ ڏيکار، اهو توکي واجب ڪونهي. هي پرنتپ ! هردي جي بيڪار دربلتا کي تياڳي يڌ ڪرڻ لاءِ کڙو ٿي وڃ. آسڪتي، موهہ کي تياڳہ ڪر. اها پنهنجي هردي جي دربلتا ئي آهي. ان تي ارجن ٿيون سوال ڪيو.

अर्जुन उवाच
कथं भीष्ममहं सङ्ख्ये द्रोणं च मधुसूदन।
इषुभिः प्रति योत्स्यामि पूजार्हावरिसूदन।।४।।

ارجن اُواچ
ڪَٿَمِ ڀِيشِمَمَهِمِ دِرونَ۾ چَ مڌوسودن
اِشوُڀِهِ پِرَتِي يوتِسِيامي پوجارِهاوَ رِسوُدَنَ (۴)

اهنڪار جو ناس ڪرڻ وارا مڌوسودن! مان رڻ ڀومي ۾ ڀيشم ۽ دِروڻاچاريہ سان مان ڪهڙي طرح ٻاڻن سان يُڌ ڪندس، هي اري سودن! اُهي ٻئي پوُجنييہَ آهن. ڀيائي دِروڻ آهي. پريو الڳہ آهي، اسين الڳہ آهيون. اهو نشو ، خيال ئي ڪجهہ پراپت ڪرڻ لاءِ پريرڻا ڏيڻ لاءِ شروعاتي ڏاڪو آهي. اهوئي دروڻاچاريہ جو گ روپڻو آهي. ڀَرم ئي ڀيشم آهي. جيستائين ڀَرم آهي تيستائين ٻار، پريوار، رشتيدار سڀ پنهنجا لڳندا آهن. پنهنجي لڳڻ لاءِ ڀرم ئي ذريعو آهي، وسيلو آهي. آتما اُنهن کي پوجنييہ مڃي انهن سان گڏ رهي ٿو تہ هيءَ پتا آهي، ڏاڏو آهي، ڪُل گُرو آهي وغيرهہ. ساڌنا جي وقت ۾ ”گروُ نہ چيلا، پرش اڪيلا.“

न बन्धुर्न मित्रं गुरूर्दैव शिष्यः।
चिदानन्दरूपः शिवोऽहम् शिवोऽहम् ।। (आत्मषट्क, ५)

”نہ بنڌوُرِوَ، نہَ مِترَمِ گُروُ دئيو شِشيہَ،
چِدانَند روُپَهہ شِوو هَمِ شِوو هَمِ“ (آتم شٽڪ (۵)

جڏهن چِتُ ان پرم آنند ۾ لين ٿي ويندو آهي، تڏهن نہ گرو گياندا تا ۽ نہ شِشُ گرهڻ ڪرڻ وارو رهي ٿو. اها ئي پرم جي اوسٿا آهي. گروُءَ جي پدوي پائڻ ڪانپوءِ گروتِوَ هڪ جهڙو ٿي ويندو آهي. شري ڪرشن فرمائي ٿو ”هي ارجن! تون مون ۾ نواس ڪندين.“ جيئن شري ڪرشن تيئن ئي ارجن، ۽ نيڪ اهڙو ئي گيان پراپت ڪرڻ وارو مهاپرش ٿي

ويندو آهي. اهڙي اوسٿا ۾ گروءَ جو بہ گروپڻو چمڪي پوندو آهي ۽ گروپڻو هرديہ ۾ برسندو رهي ٿو. ارجن گرو-پد جي ڏال ٻڻائي هن لڙائيءَ ۾ پرورت ٿيڻ کان کيٻائي رهيو آهي هو چوي ٿو.

गुरूनहत्वा हि महानुभावान् श्रेयो भोक्तुं भैक्ष्यमपीह लोके ।
हत्वार्थकामांस्तु गुरूनिहैव भुञ्जीय भोगान्रुधिरप्रदिग्खान् ।।५।।

گُروُنَهِتوا هي مَهانُڀاوانِ، شِريو ڀوڪتَمِ ڀَئڪِشَمَپِيهَہ لوڪي
هَتِوارِٿَ ڪامانِستوُ گُروُ نِهئِيوَ، ڀُنُجِيِيہَ ڀوڳانِ رُڌِر پِرَدِگڪيانِ (۵)

انهن مهان ڀاوَ گُرن کي نہ ماري مان هن لوڪ ۾ ڀکيا جي اَن کي بهتر ٿو سمجهان. هتي ڀکيا جو ارٿ پيٽ ڀرڻ لاءِ بيکہ مڱڻ ڪونهي بلڪ ستپرشن جي جهڙي تهڙي شيوا دواران انهن کي ڪلياڻ پائڻ جي ڀکيا آهي.

‘अन्नं ब्रह्मेति यजानात् (तैत्तिरीय उप २/१)’

اَننَمِ برهميتي وِيَجاناتِ (تَئتِرِيہَ اُپنشد ۹-۲)

اَن ئي رڳو هڪ پرماتما آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ سان آتما هميشه جي لاءِ ترپت ٿي ويندو آهي، ڪڏهن بہ اترپت نٿو رهي. اسين مهاپرشن جي شيوا ۽ ليلائڻ سان آهستي آهستي برهم روپي امرت پراپت ڪريون، پر هيءُ ڪٿنب اسان کان نہ ڇٽي، اهائي ارجن جي ڀکيا اُن جي ڪامنا آهي. سنسار ۾ گهڻا ماڻهو ائين ئي ڪندا آهن. هو چاهيندا آهن تہ پريوارڪ سنيهہ، سنبنڌ نہ مارڻو پوي ۽ آهستي آهستي مڪتي بہ ملندي وڃي. پر ان راهہ تي هلڻ واري ساڌڪ لاءِ، جنهنجا سنسڪار ان کان مٿي آهن، جنهن ۾ لڙائي ڪرڻ جو ٻل آهي، طاقت آهي، سپاءُ ڪتري ڌرم ڏانهن هلندڙ آهي، ان لاءِ انهي ڀکيا جي اَن جو نمونو نہ آهي. پاڻ نہ ڪري ڀکشا جي اَن لاءِ ڪوشش ڪرڻ ڀکيا وٺڻ برابر آهي. گوتم ٻُڌ بہ مجهم نڪايہ جي ڌمداياد سُت

(٣-١-١) ۾ انهي يڪشا اَن کي لوپ ، پنهنجي ماڻڻ جي اڇا ڇئي بيواجب سمجهيو آهي، جڏهن ڪِ شرير ڪري سپ يڪشو هئا.

انهن گروجن کي مارڻ سان ملندو ڇا؟ هن لوڪ ۾ خون سان رڱيل هٿ (ارٿ) ۽ ڪام جي پوڳہ تہ پوڳڻ لاءِ ملندؠ، ارجن تہ ائين پيو سوچي تہ پڄن سان سنساري سکن جي ماترا ۾ گهٽي واڌ ٿيندي. ايتري لڙائيءَ ڪرڻ کان پوءِ بہ هن شرير جي ڊريس وڳن جو واڌارو ٿيندو ۽ ڪام جا پوڳہ ئي ملندا. هو وري ترڪ (سبب) ڏئي ٿو

न चैतद्विद्मः कतरन्नो गरीयो
यद्वा जयेम यदि वा नो जयेयुः।
यानेव हत्वा न जिजीविषाम–
स्तेऽवस्थिताः प्रमुखे धार्तराष्ट्राः ।।६।।

”نَ چَئيدِوَهَيَهہ ڪَتَرِنو گَرِييو
يدّا جييمَ يَدي وا نو جَيييهہ
يانيوَ هَتِوا نَ جِجي وِشامَ
سِتي وَسِتِتاهہ پِرَمُکي ڌارتراشٽراهہ ‘‘ (٦)

اها بہ پڪ ڪونهي تہ اهي پوڳہ ملندا ئي. اها بہ اسانکي خبر ڪونهي تہ اسانجي لاءِ ڇا ڪرڻ فائدي وارو آهي، بهتر آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ اسان چيو، اهو اگيان جي پڪي تصديق ٿي ويئي. اها بہ ڄاڻ ڪونہ آهي تہ اسين جنگہ جيتينداسين يا هو جنگہ کٽندا. جن کي ماري اسين جيئڻ نٿا چاهيون، اُهي ئي ڌرتراشٽر جا پٽ اسانجي سامهون کڙا آهن. اگيان روپي ڌرتراشٽر مان اُتپن ٿيل موهہ وغيره مت مائٽ، سنبنڌي ۽ ٻيو جيڪي بہ هوندا سي ناس ئي ٿي ويندا، پوءِ اسين جيئرو رهي ڇا ڪنداسين؟ ارجن وري سوچي ٿو تہ جو ڪجهہ اسان چيو، شايد اهو بہ اگيان

ئي هجي، هاڻي پرارٿنا ٿو ڪري-

कार्पण्यदोषो पहतस्व स्वभाव:
पृच्छामि त्वां धर्मसम्मूढचेता: ।
यच्छ्रेय: स्वान्निश्चितं ब्रूहि तन्मा
शिष्यस्तेऽहं शाधि मां त्वां प्रपन्नम् ।।७ ।।

”ڪارپَڻيَدوشو پَهتَسوَ سِوَڀاوَهہ،
پِرَڇامي تِوامِ ڌَرمِ سَموُڙَهچيتاهہ
يَڇريَهہ سِوانِيَنشڇتَمِ برُوهي تَنما
شِشيَسِتر هَمِ مامِ تِوامِ پرَپَننمِ “ (٧)

ڪائرتا جي دوش ڪان نشت ٿيل سڀاوَ وارو، ڌرم جي باري ۾ پورو موهت چت ٿيل وارو مان توهان ڪان پڇيان ٿو. جو ڪجهہ نشڇي وارو پرم ڪلياڻڪاري هجي، اُهي ساڏن منهنجي لاءِ چئي ٻڌايو. مان توهانجو شِشُ آهيان، توهان جي شرن ۾ آهيان - مونکي سيکاريو، راهہ ڏيکاريو. فقط سکيا نہ ڏيو، بلڪ جتي لڙکڙايان اُتي سنڀالي وٺو- لڏ ڏي، لڏاڻي ڏي ۽ بار ڪڍڻ وارو گڏ هلي - شايد ڳنري ڪري پوي - تڏهن ڪير بار ڪڍندو ۽ سنڀاليندو. ارجن جي ارپڻتا اهڙي آهي.

هيڏانهن ارجن پورڻ سمرپڻ ڪيو. اڄا تائين شري ڪرشن کي پاڻ جهڙو پئي سمجهيائين، ڪيترين وديائن ۾ پاڻ کي هن کان ڪجهہ اڳتي سمجهندو هو. هن پنهنجي واڳہ ڏور سچ پچ سونپي ڇڏي. ستگرو خوش هردي سان ساڌڪ سان گڏ هلندو رهيو. جيڪڏهن هو ويجهو نہ رهي تہ ساڌڪ سان گڏ هلندو رهيو. جيڪڏهن هو ويجهو نہ رهي تہ ساڌڪ پار نہ ٿيندو. جوان ڪنيا جي پريوار وارا جيئن شادي وواهہ تائين اُنکي سنيم سان هلڻ جي سکيا ڏيندي سنڀالي وني ويندا آهن، نيڪ اهڙي طرح ستگرو پنهنجي شِشَ جي انتر آتما جو رٿوان ٿي، رهبر ٿي هن کي

پرڪرتيءَ جي گهاٽين مان ڪڍي پار ڪري ڇڏيندو آهي. ارجن وينتي ٿو ڪري تہ هي ٻيو هڪ بات بي بہ آهي -

न हि प्रपश्यामि ममापनुद्याद्
यच्छोकमुच्छोषणमिन्द्रियाणाम् ।
अवाप्य भूमावसपत्नमृद्धं
राज्यं सुराणामपि चाधिपत्यम् ।।८।।

”نَہ هِي پِرَپَشِيامِي مَماپَنوُدِيادِ
يَڇوڪَمڇُپڇيوشَڻي اِندِرِياڻامِ
اَواپيہ ڀوُماوَسپَتنِمرِڌمِ
راجِيَمِ سُراڻامَپِي چا ڌِيپَتِيَمِ (٨)

ڌرتيءَ تي اڻ ميو ڌن - ڌانيہ سان ڀرپور راڄ کي ۽ ديوتائن جي سيواميپڻو اِندر پد کي پائي بہ مان اُن اُپاوَ کي نٿو ڏسان، جيڪو منهنجي اندرين کي سڪائڻ واري دکہ کي دور ڪري سگهي. جڏهن دکہ لڳو ئي رهي ٿو، تہ هي سڀ حاصل ڪري مان ڇا ڪندس؟ جڏهن ايترو ئي ملڻو آهي، تہ معاف ڪريو. ارجن سوچيو، هاڻي هن کان وڌيڪ ٻڌائيندو بہ ڇا؟

सञ्जय उवाच
एवमुक्तवा हृषीकेशं गुडाकेश: परन्तप ।
न योत्स्य इति गोविन्दमुक्त्वा तूष्णीं बभूव ह ।।९।।

سنجيہ اُواچ
ايوَمُڪتِوا هِرشيڪيشَمِ گُڊاڪيشَهہ پرنتپ
نہ يوتِسيہَ اِتي گووِندَ مُڪتِوا توُ شڻيمِ ٻڀوُوَ هہ (٩)

سنجيہ چيو-هي راجن موهہ جي نشي واري ارجن جي هرديہ جو سڀ ڪجهہ شري ڪرشن کي هينئن چيو، ’تہ گووند ! مان يڌ نہ ڪندس‘ چپ ٿي ويو. اڃا تائين ارجن جي درشٽي پؤراڻڪ آهي، جنهن ۾ ڪرم ڪاندن سان گڏ ڀوڳن جي ملڻ جي ريت

رسم آهي، جتي سُرڳہ کي ئي سڀ ڪجهہ مڃيو ويندو آهي - جنهن تي شري ڪرشن پرڪاش وجهندو تہ اها ويچار ڏارا بہ غلط آهي.

तमुवाच हृषीकेशः प्रहसन्निव भारत।
सेनयोरुभयोर्मध्ये विषीदन्तमिदं वचः ।।१०।।

”تَمُواچ هِرشيِڪيشَهہ پرَهَسَنِنوَ ڀارت
سينَيورُ ڀَيورِ مَڌِيي وِشيدنِتَمِ اِدَمِ وَچَهہ (١٠)

اُن ڪان پوءِ هي راجن! انترايامي يوگيشِوَرَ شري ڪرشن ٻنهي سينائن جي وچ ۾ اُن دکہ ۾ پريل ارجن کي کلندي هيءُ وچن چيا...

श्रीभगवानुवाच
अशोच्यानन्वशोचस्त्वं प्रज्ञावादांश्च भाषसे ।
गतासूनगतासूंश्च नानुशोचन्ति पण्डिताः।।११।।

شري ڀڳوانواچ
”اشوچيانَنوَ شوچَستوَمِ پرَگيا وادنِشَچہ ڀاشَسي
گَتا سوُنَگَتانسوُنِشَچ نانوُ شوچَنتي پَندِتاهَ “ (١١)

ارجن! تون نہ شوڪ ڪرڻ وارن يوگين جي لاءِ شوڪ ڪرين ٿو پندتن جهڙا ٻول پيو ٻولين، پر ٻڌيمان پندتن جن جا پراڻ پريو کي پيارا ٿي ويا آهن، اُنهن جي لاءِ جن جا پراڻ نہ ويا آهن، اُنهن جي لاءِ بہ شوڪ نٿو ڪرين؛ ڇاڪاڻ اُهي بہ مري ويندا. تون پندتن جهڙيون ڳالهيون ڏاڍيون ٿو ڪرين، حقيقت ڄاڻندڙ آهين ئي ڪونہ، ڇو تہ:-

न त्वेवाहं जातु नासं न त्वं नेमे जनाधिपाः।
न चैव न भविष्यामः सर्वे वयमत् परम्।।१२।।

”نَہ تويواهَمِ جاتوُناسَمِ نہ توُمِ نيمي جناڌِياهہ
نہَ چَئيوَ نہَ ڀَويِشيامَهہ سَروي وَيَمَتَهہ پَرَمِ (١٢)

نہ تہ ائين ئي آهي مطلب ستگرو ڪنهن وقت ۾ ڪونہ هو يا تون پيارو اڏڪاري يا ”جَنا ڌِپا“ راجائون مطلب راجسي ورتيءَ ۾ ملڻ وارو اهنڪار ڪونہ هو ۽ نہ اهڙو ۽ ائين ئي آهي تہ هن ڪان پوءِ اسين نہ رهنداسين. ستگرو امر رهندو آهي، هميشه رهندو آهي، پيارا سدائين رهندا آهن. هتي يوگيشور يوگہ جي ناس نہ ٿيڻ تي روشني وجهندي آئينده ۾ اُنجي سڪيائن تي زور ڏنو. مرڻ واري لاءِ شوڪ نہ ڪرڻ جي لاءِ سبب پڌائيندي هُنن چيو:-

देहिनोऽस्मिन्यथा देहे कौमारं यौवनं जरा।
तथा देहान्तरप्राप्तिर्धीरस्तत्र न मुह्यति ।।१३।।

”ديهِنوااِسمِنيٿا ديهي ڪؤمارَمِ يؤوَنَمِجَرا
تَٿا ديهانتَرَ پراپتيرِ ڌيرَسِتَرِ نہ مُهيَتي “ (١٣)

جيئن هوُ جيو آتما جي هن ديهہ ۾، ڪمار، يوا (جوان) ۽ ٻڍاپو ٽي اوستائون ٿينديون آهن، تيئن ئي ٻين ٻين شريرن جي پراپتي ۾ ڌيرجوان پرش موهت نہ ٿيندا آهن، ڪڏهن توهين ٻالڪ هئا، آهستي آهستي جوان ٿيا، تڏهن توهين مري تہ نہ ويا؟ وري ٻڍا ٿيا ! پرش هڪڙو ئي آهي، اهڙي طرح ذري بہ ڌار نئين ديهہ جي پراپتيءَ تي نٿي پوي. شرير جو اهو پرورتن تيستائين هلندو، جيستائين بدلاءَ ڪان پري ڪا وَستوُ نٿي ملي.

मात्रास्पर्शास्तु कौन्तेय शीतोष्णसुखदुःखदाः।
आगमापायिनोऽनित्यास्तांस्तितिक्षस्व भारत ।।१४।।

”ماتِرااِسپَرشارِسسوُ ڪؤنتييہ شيتوشڻسُکَدُ ڪُهدا ڪَه
آگَماپايَنو نِتِياسِتانِستي تِتِڪشِسوَ ڀارت “ (١٤)

هي ڪنتي پتر ! سکہ دکہ، سردي ۽ گرمي ڏيڻ وارا تہ اندرين ۽ وشين جو ميلاپ تہ اَنتِيہ آهي، ڪڻ ڀنگر آهي.هاٽي پرتونشي ارجن! تون اُنهن جو تياڳہ ڪر، ارجن اندرين ۽ وشين جي

سنجوڳ مان ملندڙ سک کي ياد ڪري وياڪل ٿي رهيو هو. ڪُل ڌرم ، ڪُل گرن جي پوڄا وغيره اندرين جي لڳاءَ جي اندر آهن. اُهي ڪٺينگر آهن، ڪوڙيون آهن، ناسونت آهن. وشين جو سنجوڳ ۽ نه سدا ملندو ۽ نه وري سدائين اندرين ۾ ٻل ئي رهندو هاڻي ارجن ! تون انهن جو تياڳ ڪر، اُنهنکي سَهُه. چو؟ ڇا هماليه جي لڙائي هئي ڇا جا ارجن سردي سَهن ڪري؟ يا ڇا هيءَ ريگستان جي لڙائي آهي، جتي ارجن گرمي سهي؟ ”ڪروکيتر“ جيئن ماڻهوٻاهر ٻڌائيندا آهن، سڌي سنواٽي ڌرتي آهي. ڪل اڙرهان ڏينهن ته لڙائي ٿي هئي، ايتري ۾ ڪهڙو سيءُ -گرمي گذري ويا؟ حقيقت ۾ سردي گرمي، دک سک، مان اپمان کي سهڻ هڪ يوگي تي مدار ٿو رکي. هي هرديه ديش جي لڙائيءَ جو چتر آهي، هيءَ ٻاهرين يڌ لاءِ گيتا نٿي چوي. هيءُ کيتر- کيترگيه جي لڙائي آهي، جنهن ۾ آسري، راکسي پرورتين جو، جنهن ۾ آسُري سمپتي جو بلڪل تياڳ ڪري، ناس ڪري پرماتما ۾ استٿي ڏياري دئوي سمپتي به شانت ٿي ويندي آهي. جڏهن ڪو وڪار ئي ڪونهي ته سڄاتي پرورتيون ڪنهن تي حملو ڪن! هاڻي پورڻ طرح اُهي به شانت ٿي ٿيون وڃن، ان ڪان پهرين نه. گيتا اندرئين ديش جي لڙائيءَ جو چترڻ آهي. هن تياڳ مان ملندو ڇا؟ هن مان ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ ان تي شري ڪرشن چوي ٿو:

यं हि न व्यथयन्त्येते पुरुषं पुरुषर्षभ ।
समदु:खसुखं धीरं सोऽमृतत्वाय कल्पते ।।१५।।

”يَمِ هِي نَ وِيَٿَيَنِيي تي پُرشَمِ پَروشَرشَڀَه
سَمَ دُکه سُکَمِ ڌِيرَمِ سومِرتَتِوايه ڪَلِپَتِي (١٥)

ڇو ته هي پرش سريشٽ ! دکه - سک کي هڪ جهڙو سمجهڻ واري ڌيرجوان پرش کي اندريون ۽ وشين جو سنجوڳ دکي

نٿا ڪن، هو مرتيو ڪان پري امرت تتوَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ يوگيہ ٿئي ٿو. هتي شري ڪرشن هڪ ڪوجنا ”امرت“ جي چرچا ڪئي. ارجن سوچي ٿو تہ يڌ جي نتيجي مان سرڳہ ملندو يا پرٿوي، پر شري ڪرشن چون ٿا تہ نہ سرڳہ ملندو ۽ نہ پرٿوي، پر امرت ملندو. امرت ڇا آهي؟

नासतो विद्यते भावो नाभावो विद्यते सत:।
उभयोरपि दृष्टोऽन्तस्त्वनयोस्तत्त्वदर्शिभि: ।।१६।।

”ناسَتو وِديَتي ڀاوو ناڀاوو وِديَتي سَتَھہ
اُڀيورَپِي درشِٽو نِتَسِتُوَ نَيو سِتَتَتِوَ دَرشِڀِيھہ:“ (١٦)

ارجن! اَست وستوءَ جي هستي ڪونہ آهي، اُهو آهي ئي ڪونہ، اُن کي روڪي نٿو سگهجي ۽ ستيہ جو ٽنهي ڪالن ۾ اَڀاءُ ڪونهي، اُن کي مٽائي نٿو سگهجي. ارجن پڇيو- ڇا ڀڳوان هئڻ جي ناتي ٿا چئو ڇا؟ شري ڪرشن ٻڌايو-مان تہ چوندو ئي رهيو آهيان، انهن ٻنهي جو اهو فرق اسان سان گڏوگڏ تَتِوَ گ يانين ۾ ڪڏهن ڏٺو ويو هو. شري ڪرشن بہ هڪ تَتِوَ درشي مهاپرش هو. پرم تَتِوَ پرماتما جو ظاهر ظهور درشن ڪري اُن ۾ اسٿت رهڻ وارا تَتِوَ درشي چوائين ٿا. ستيہ ۽ استيہ آهي ڇا؟ ان تي چون ٿا:-

अविनाशि तु तद्विद्धि येन सर्वमिदं ततम्।
विनाशमव्ययस्यास्य न कश्चित्कर्तुमर्हति ।।१७।।

”اوناشي توُ تَدِوِڌِي يينَ سَرِوَمِدَم تَتَمِ
وناشموِ يَيَسِياسِيہ نَہ ڪَشِچِتِڪَرِتوُ مَرِهَتِي (١٧)

ناس ڪان رهت تہ اُهو آهي، جنهن سان هي سمپورڻ جڳت وياپڪ آهي. هن کي امر-اوناشي جو ناس ڪرڻ ۾ ڪوئي سمرٿ نہ آهي؛ پر هن ”اوناشي“ امرت جو نالو ڇا آهي؟ هو آهي

ڪير؟

अन्तवन्त इमे देहा नित्यस्योक्ताः शरीरिणः।
अनाशिनोऽप्रमेयस्य तस्माद्युध्यस्व भारत॥१८॥

”اَنِتَوَنِتَ اِمي ديها نِتِيَسيوڪِتاهہ شَرِيرِڻَهہ
اَنَاشونو پِرَميِيَسِيَہ تَسِماديُڌِسِوَ ڀارت“ (١٨)

اوناشي جنهنجو ڪو انت ڪونهي، نِتِيہَ سَروپ آتما جا هي سڀ سرير ناسونت چيا ويا آهن، ان ڪري ڀرت ونشي ارجن! تون يُڌ ڪَرِ. آتما ئي امرت آهي. آتما ئي اوناشي آهي، جنهنجو ٽنهي ڪالن (ورتمان، ماضي، مستقبل) ۾ ناس نٿو ٿئي آتما ئي ستيہ آهي. شرير ناسونت آهي، اهوئي است آهي، جنهنجو ٽنهي ڪالن ۾ ڪو وجود ڪونهي، هستي ڪونهي.

”شرير ناسونت آهي ان ڪري تون يڌ ڪر“ ان آديش مان اهو ظاهر نٿي ٿيو تہ ارجن فقط ڪورون کي ماري. پانڊون جي پاسي بہ تہ شرير ئي بيٺا هئا، ڇا پانڊون جا شرير ناس ٿيڻ وارا نہ هئا، اوناشي هئا؟ جيڪڏهن شرير ناسونت آهي تہ، شري ڪرشن ڪنهنجي بچاءَ لاءِ بيٺو هو؟ ڇا ارجن ڪوئي شريرڌاري هو؟ شرير جيڪو است آهي.جنهن جي ڪا هستي ڪونهي، وجود ڪونهي، جنهن کي روڪي نٿو سگهجي، ڇا شري ڪرشن ان شرير جي رڪشا لاءِ بيٺو هو؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ هو بہ اوويڪي ۽ موڙهل آهي؛ ڇو جو اڳيان شري ڪرشن پاڻ چيو آهي تہ جيڪو صرف شرير جي لاءِ ڪم ڪري ٿو، محنت ڪري ٿو (١٣-٣) اُهو اوويڪي ۽ موڙهہ ٻڌيءَ وارو آهي. اُهو پاپي پرش اجايو ٿو جيئي. آخر ۾ ارجن ڪير هو؟

حقيقت ۾ موهہ ئي ارجن آهي. موهہ واري لاءِ اشت سدائين رٿ هلائيندڙ ٻڻجي ساٿ رهي ٿو. دوست، متر وانگر کيس راهہ ڏيکارين ٿا. شرير تہ پردو آهي، رهڻ جو مڪان آهي. ان ۾ رهڻ

وارو موهه ۾ جڪڙيل آتما آهي، دنيوي پدارٿن جي يڌ، مارڻ يا ڪٽڻ سان شرير جو انت نٿو ٿئي. هيءَ سرير ڇٽندو، تہ آتما ٻيو شرير ڌارڻ ڪندي، انهي باري ۾ شري ڪرشڻ چئي چڪا آهن تہ جيئن بالڪ اوسٿا مان جوان ۽ ٻڍي اوسٿا اچي ٿي، اهڙي نموني ديهون بہ پراپت ٿين ٿيون. شرير ڪٽيندا تہ جيوَ آتما نئون وستر پائيندي. شرير روپي نئون وستر پائيندي.شرير سنسڪار تي آڌارت آهي ۽ سنسڪار من جي آڌارت آهن. ”من ايوَ منشياڻام ڪارڻم بنڌو موڪشيو“ پنچ دشي، ٦٠-٥ . من جو بلڪل صاف ٿيڻ، دڪہ سکہ کان پري ٿيڻ، اچل، استر رهڻ ۽ انتم سنسڪار جو ناس ٿيڻ هڪ ئي ڪرم آهي. سنسڪارن جي تهن جو ٽٽڻ ئي شريرن جو انت آهي. انهي کي ٿوڙڻ لاءِ توهانکي آراڌنا ڪرڻي پوندي، جنهن کي شري ڪرشن ڪرم يا نشڪام ڪرڻ جو نالو ڏنو آهي. شري ڪرشن هرهنڌ جڳهہ جڳهہ تي ارجن کي يڌ لاءِ پريرڻا ڏني، پر هڪ بہ سلوڪ اهڙو ڪونهي جو دنيوي پدارٿن جي يڌ سڃاتي-وجاتي پرورتين جي يڌ آهي اندرئين ديش يعنيٖ هردي ۾ آهي.

य एनं वेत्ति हन्तारं यश्चैनं मन्यते हतम्।
उभौ तौ न विजानेतो नायं हन्ति न हन्यते।।१९।।

”يہَ اينَمِ ويتيِ هَنِتارَمِ يشڇئينَمِ مَنِيَتي هَتَمِ
اُيئوُ تَئوُ نہ وِجانيِتو نايَمِ هَنِتي نہَ هَنِيَتي (١٩)

جيڪو هن آتما کي مارڻ واري مڃين ٿا يا هن آتما کي مئل سمجهي ٿو، اُهي ٻئي آتما کي نٿا ڄاڻن، ڇو جو هيءَ آتما نہ مري ٿي ۽ نہ ماري وڃي ٿي. وري هن ڳالهہ تي زور ڏيندي چون ٿا:-

न जायते म्रियते वा कदाचि–न्नायं भूत्वा भविता वा न भूय:।
अजो नित्य: शाश्वतोऽयं पुराणोन हन्यते हन्यमाने शरीरे।।२०।।

”نہ جايَتي مِريَتي واڪداچِنِنايَم ڀوُتوا ڀوتاوا نہَ ڀوُيھہ
اَجو نِتيَھہ شاشِوَتو يَم پُراڻو، نہ ھَنِيَتي ھَنيماني شَرِيري (٢٠)

هيءَ آتما ڪنهن ڪال ۾ نہ جمي ٿو نہ مري ٿو، ڇو جو هيءَ وستر ئي تہ بدلجي ٿو. نہ هن آتما تي ٻيو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي؛ ڇو تہ هي اجنما آهي، نِتيَہ آهي، سدا قائم ۽ پُراتن آهي. شرير جي ناس ٿيڻ سان اُن جو ناس نٿو ٿئي. آتما ئي ستيہ آهي، آتما ئي جهوني اصلي آهي. توهين ڪير آهيو؟ سناتن ڌرم جو پوڄاري شرڌالو، سناتن ڪير آهي؟ آتما. توهين آتما جا پوڄاري آهيو. آتما پرماتما ۽ برهم هڪ ٻئي جي معنيٰ وارا آهن. سڀ هڪ آهن. توهين ڪير آهيو؟ قائم پُراتن ڌرم جا اُپاسڪ آهيو. جيڪڏهن توهين آتمڪ راهہ کي نٿا ڄاڻو تہ توهان وٽ قائم دائم سناتن نام جي ڪا وستو ڪونهي. ان لاءِ توهين آهون پريندا آهيو تہ هرڪنهن لاءِ ضروري آهي، پر اها سناتن ڌرمي نہ آهي، سناتن ڌرم جي نانوَ تي خراب ريتين جو شڪار آهن.

ديش وديش ۾ سيني منشن ۾ آتما هڪجهڙي آهي. ان ڪري سڄي سنسار ۾ ڪير بہ، ڪٿي بہ آتما جي استٿي ڏيڻ واري ڪار ڄاڻي ٿو ۽ اُن تي هلڻ لاءِ تتپر آهي، تہ اُهو سناتن ڌرمي آهي، چاهي هو پاڻ کي عيسائي، مسلمان، يهودي يا ڪجهہ ٻي ڇو نہ چوندو هجي.

वेदाविनाशिनं नित्यं य एनमजमव्ययम्।
कथं स पुरुषः पार्थ कं घातयति हन्ति कम्॥२१॥

”ويداوناشِنم نِتيَميہَ اينَمجمَويَيَم
ڪٿَمِسَ پُرُشَھہ پارٿ ڪَم گھاتَيَتي ھَنتِي ڪَم “ (٢١)

مرتڪ سرير کي رَٿ ٻڌائي برهم روپي لڪشيہ تي اڻتر نشانو لڳائڻ وارا پِرِٿا پُتر ارجن! جو پرش هن آتما کي اوناشي،

ناس نہ ٿيڻ وارا، نِتيہَ، اجنما ۽ اڻ ظاهر ٿيل ڄاڻي ٿو، اُهو پرش ڪيئن ڪنهن کي مارائيندو آهي ۽ ڪيئن ڪنهن کي ماريندو آهي؟ اوناشيءَ جو ناس ٿيڻ ناممڪن آهي. اجنما جنم نہ وٺندو آهي. تنهنڪري شرير لاءِ شوڪ يا ڏکہ نہ ڪرڻ گهرجي. ان کي درشٽانت دوارا بيان ٿو ڪريان، صاف ٿا ڪن:َ

वासांसि जीर्णानि यथा विहाय
नवानि गृह्णाति नरोऽपराणि।
तथा शरीराणि विहाय जीर्णा-
न्यन्यानि संयाति नवानि देही।।२२।।

”واسانِسي جيرِڻانِي يَٿا وهايہ،
نَواني گرهڻاتي نَروِپَراڻي
تُٿا شَريرِاڻي وِهايہ جيرِڻا
نِيَنِياڻي سَنياتي نَواني دَيهي (٢٢)

جيئن منش ”جيرڻاني واسانِسي“ ڦاٽل ٽٽل ڪپڙن کي تياڳي نوان ڪپڙا پائيندو آهي، نيڪ اهڙي طرح هيءَ جيو آتما پراڻن شريرن کي تياڳي ٻيا نوان شرير ڌارڻ ڪري ٿو. پراڻي ٿيڻ تي ئي نوان شرير ڌارڻ ڪرڻا آهن تہ ٻار ڇو مري ويندا آهن؟ هيءُ وستر تہ وڏو هئڻ گهرجي. حقيقت ۾ هيءُ شرير سنسڪار تي آڌار ٿو رکي. جڏهن سنسڪار پراڻا ٿين ٿا تہ شرير ڇٽي ٿو وڃي. جي سنسڪار ٻن ڏينهن جا آهن تہ ٻئي ڏينهن ئي شرير پراڻو ٿي ويو. ان کان پوءِ منش هڪ سواس بہ وڌيڪ ڪٽي نٿو سگهي. سنسڪار ئي شرير آهي. آتما سنسڪارن جي انوسار نئون شرير ڌارڻ ڪري ٿو. ”اَٿ کَلُ ڪِرتُمَيہ: پُرُش ! يٿا اهئو، تَٿئي پرتيہ يوت ڪِرتَ لوڪم پُرُشو ڀِڄايتي (ڇانداڳيو اُپنشِد ١۴ - ٣)

پرش پڪ ئي سنڪلپ ڪرڻ وارو آهي. هن لوڪ ۾ پُرش

جھڙو ڀڪي ارادي وارو ٿيندو آهي، تيئن هتان مري وڃڻ ڪان پوءِ ٿيندو آهي. پنھنجي سنڪلپ سان ٻڌايل سريرن مان پرش اُتپن ٿئي ٿو. ان طرح مرتيو شرير جي پريورتن وانگر آهي. آتما نٿو مري. وري هنجي اجرتا امرتا تي زور ڏين ٿا:-

नैनं छिन्दन्ति शस्त्राणि नैनं दहति पावक:।
न चैनं क्लेदयन्त्यापो न शोषयति मारुत: ।।२३।।

”نَئِنَمِ ڇندَنتي شَستراڻي نَئِنَمِ دَهَتي پاوڪَه
نه چَئِنَمِ ڪِليدَيَنتِياپو نَه شوشَيَتي ماروتيه (٢٣)

ارجن! هن آتما کي سستر (هٿيار) وغيره نٿا وڍين باه نٿي ساڙي، جل ٻوڙي نٿو سگهي ۽ هوا سڪائي نٿي سگهي.

अच्छेद्योऽयमदाह्योऽयमक्लेद्योऽशोष्य एव च।
नित्य: सर्वगत: स्थाणुरचलोऽयं सनातन: ।।२४।।

”اڇيديو يَمَداهيو يَمِ اَڪليديو سو شِيه ايوَ چ
نِتيَه سَرِ وَگَتَهاسِتاڻُرَ چلَو يَمِ سَناتَنَه “ (٢٤)

هي آتما بنا ڇيد آهي، هن کي ڇيدي، ڀڃي ٽڪرا نٿو ڪري سگهجي. هن کي جلائي، ساڙي نٿو سگهجي. هي اڪليديه آهي. هن کي آلو نٿو ڪري سگهجي. آڪاش هن کي پاڻ ۾ سمائي نٿو سگهي. هي آتما صاف، سرووياپڪ، اچل هميشه قائم رهڻ وارو ۽ سناتن آهي.

ارجن چيو هو ته ڪُل ڌرم سناتن آهي. اهڙي يڌ ڪرڻ سان سناتن ڌرم نشٽ ٿي ويندو. پر شري ڪرشن اُن کي اڳ يان مڃيو ۽ آتما کي ئي سناتن ٻڌايو. توهين ڪير آهيو؟ سناتن ڌرم جا پوڄاري ۽ شرڌالو آهيون. سناتن ڪير آهي؟ جيڪڏهن توهين پورن آتما جي دوري طئہ ڪرڻ واري خاص وڌيءَ ڪان اڻڄاڻ آهيو تہ توهين سناتن ڌرم نٿا ڄاڻو. ان جو خراب نتيجو سنپردايه ۾ قاتل ڌرم وارن ماڻهن کي ڀوڳ

ٺو پوي ٿو. وچين ڀارت ۾ ٻاهران آيل مسلمان لوڪ ٻارهن هزار هئا ۽ اڄ اڻاويهه ڪروڙ آهن. ٻارهن هزارن مان وڌي لک ٿي ويندا. وڌ ۾ وڌ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ٿي ويندا ۽ ٻيا ڪيترا ٿيندا؟ اهي اڻاويهن ڪروڙن کان به وڌي رهيا آهن. سڀ هندو ئي ته آهن. اوهانجا سڳا ڀائر آهن. اُهي نشٽ ڪونه ٿيا بلڪ اُنهنجو سناتن، نه بدلجندڙ ڌرم نشٽ ٿي ويو. جڏهن ڪيتر ۾ پيدا ٿيڻ واري ڪاٻه وستو ناس سناتن کي ڇهي نٿي سگهي، ته ڇهڻ ۽ کائڻ سان سناتن ڌرم ڪيئن ناس ٿيندو؟ هيءُ ڌرم ناهي، هڪ بدزيت حالت ٿي، جنهن سان ڀارت ۾ سمپرادئن جو دؤر وڌيو، ديش جو ورهاڱو ٿيو ۽ راشٽريه ايڪتا جي اڄ به سمسيا، تڪليف آهي.

انهن ڪُريتين جا ڪٽا ڪندڙ اتهاس ۾ پريا پيا آهن. هميرپور ضعلي ۾ پنجاهه سٺ پريوار شاندار ڪتري هئا. اڄ اُهي سڀ سلمان آهن. نه اُنهن تي توب جو حملو ٿيو نه تلوار جو ڇا ٿيو؟ اڌ رات جي وقت هڪ به مولوي اُن ڳوٺ ۾ هڪ ئي کوهه جي ڇوڏاري لڪ ويا ته ڪرم ڪانڊي برهمڻ هٿي پهرين سنان ڪرڻ ايندا. جڏهن هو آيا، اُنهن کي پڪڙيو ويو، اُنهن جو منهن بند ڪيو ويو. اُنهن جي سامهون هنن کوهه مان پاڻي ڪڍيو، منهن لڳائي پيتائون ۽ بچيل پاڻي کوهه ۾ وجهي ڇڏيائون، روٽيءَ جو هڪڙو ٽڪرو به وجهي ڇڏيائون. پنڊت ڏسندا ئي رهجي ويا، مجبور هئا. تنهن کان پوءِ پنڊت کي ڳڏ وني هليا ويا. پنهنجي گهر ۾ اُنهن کي بند ڪري ڇڏيائون.

ٻئي ڏينهن اُنهن پنڊتن کي پوچڻ کائڻ لاءِ عرض ڪيو ته هو بگڙي ويا-” توهين مسلمان آهيو ۽ مان برهمڻ، ڀلا ڪيئن ٿو کائي سگهان؟“ هنن چيو -”مهراج اسان کي توهان جهڙن ويچاروان ماڻهن جي ڏاڍي ضرورت آهي. معاف ڪريو.“ پنڊت

کي چڏيو ويو.

پنڊتجي پنهنجي ڳوٺ ۾ آيو. ڏنائون ته ماڻهو ڪوهه جو پوريءَ طرح پريوگه ڪري رهيا آهن. هنن اَنُ نه کائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ورت ۾ رهيا. ماڻهن اُن جو سبب پڇيو - مسلمان هن کوهه تي چڙهي ويا هئا. منهنجي سامهون هنن هن کوهه کي جوٺو ڪيو ۽ هن ۾ روٽيءَ جا ٽڪرا ٽڪرا به وجهي ڇڏيا. ڳوٺ جا ماڻهو خاموش ٿي ويا. پڇيو”هاڻي ڇا ٿيندو؟“ پنڊتجيءَ چيو، ” هاڻُ ڇا؟ ڌرم ته نشٽ ٿي ويو.“

اُن وقت ماڻهو پڙهيل ڪونه هئا. استرين ۽ شودرن کان پڙهڻ جو اڌڪار خبر ناهي ڪڏهن کان ڇِنو ويو هو. وئشيه ڌن ڪمائڻ ئي پنهنجو ڌرم سمجهي ويٺا هئا. کتري چارڻن جي سنگت ۾ ڳائڻ ۾ کوهجي ويا هئا ته اَنَ داتا جي تلوار چمڪي ته بجلي کڙڪڻ لڳي. دهليءَ جو تخت ڏگمگائڻ لڳو. مانُ سنمانُ مِليُن پئي پوءِ پڙهن ڇو؟ ڌرم سان اُنهن جو ڪهڙو واسطو. ڌرم فقط برهمڻن جو ڪم بڻجي رهجي ويو. اُهيئي ڌرم سوترن جا رچيندڙ، اُهيئي اُنجي وياکيا ڪندڙ ۽ اُهيئي اُن جي سچ ڪوڙ جو نِرتَئِہ ڪرڻ وارا. جڏهن ته پراچين ڪال ۾ استرين، شودرن، وئشن، کترين ۽ برهمڻن کي، سڀني کي ويدن پڙهڻ جو اڌڪار هو. هرهڪ ماڻهوءَ لاءِ رشين ويد منترين جي رچنا ڪئي هئي. شاستر ارٿ نرنيه ڪرڻ ۾ ڀاڱه ورتو هو. پراچين راجائن ڌرم جي نالي تي اڊمبر ڦهلائڻ وارن کي سزا ڏني. ڌرم ڄاڻڻ وارن جو آدر ڪيو هو.

ليڪن وچين ڪال واري ڀارت ۾ سناتن ڌرم جي سچي ڄاڻ نه رکڻ سان اُن ڳوٺ جا رهاڪو رڍن وانگر هڪ کنڊ ۾ ڀهاريا ويا ته ڌرم نشٽ ٿي ويو. ڪيترن اُنهن اڻ وڻندڙ اکرن کي ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو؛ پر سڀ ڪٿان پنهنجي پراڻن

جي آهوتي ڏيندا. اڻوت شرڌا هئڻ جي باوجود مجبور ٿي پيا جل ڳولهڻ لڳا. اڄ به هو بانس جو وڻ لڳائي، ڏنڊو کوڙي هندن وانگر شاديون ڪندا آهن، ان ڪانپوءِ مولوي نڪاح پڙهي هليو ويندو آهي. اُهي سڀ شڌ هندو آهن، سڀ جا سڀ مسلمان بڻجي ويا.

ٿيو ڇا هو؟ پاڻي پيتو هئائون، اڻ ڄاڻائي ۾ مسلمانن جي هٿ جو ڇهيل ڪاڏو کائي ڇڏيائون. ان ڪري ڌرم نشٽ ٿي ويو. ڌرم ته ٿي ويو شرم جي ٻوٽي. هيءُ (لاجونتي) هڪ ٻوٽو بڻجي ويو آهي. توهين ڇهي وٺو، ته اُنجون پٽيون سُسِي ونديون آهن ۽ هٿ هٽائڻ سان وري ٽڙي پونديون آهن؛ پر ڌرم ته ائين مرجهايو جو ڪڏهن ٽڙي نه سگهندو، کِڙِي نه سگهندو. هو مري ويا هميشه لاءِ هننجا رام ڪرشن ۽ پرماتما مري ويا. جو حقيقت ۾ هيءُ پوترتا جي نالي تي ڪا ڪُريتِ هئي، جنهن کي ماڻهو ڌرم سمجهي ويٺا هئا.

ڌرم جي شرڻ ۾ ڇوٽا وڃون؟ ڇوته اسين مرڻ ۽ جيئڻ وارا آهيون ۽ ڌرم ڪا حقيقي شيءِ آهي، جنهن جي شرن ۾ وڃي اسين به اَمر ٿي وڃون. اسين ته مارڻ سان مرنداسين ۽ هيءُ ڌرم ڇهڻ ۽ کائڻ سان مري ويندو، ته اسانجي کهڙي رکشا ڪندو؟ ڌرم ته اَسانجي رکشا ڪندو آهي، توهان ڪان شڪتي وارو آهي. توهين تلوار سان مرندا ۽ ڌرم؟ خراب ريتيون نشٽ ٿي وينديون، نه سناتن.

سناتن ته اهڙي حقيقي ۽ گهري وَستو آهي جنهن کي هٿيار نٿو ڪٽي، اگني جلائي نٿي سگهي، جل اُنکي آلو نٿو ڪري سگهي. ڪاڏو پيتو ته پري، پرڪرتي ۾ پيدا ٿيل ڪابه وستوُ اُنکي ڇهي به نٿي سگهي، ته پوءِ اُهو سناتن نشٽ ڪيئن ٿي ويو؟

اهڙيون ئي ٿوريون خراب رسمون ارجن جي سمي ۾ به هيون. ارجن به اُنهنجو شڪار بڻيو هو. هن ورلاپ ڪندي ليلائيندي ٻاڏائيندي چيو ته ڪُل ڌرم سناتن آهي. يڌ ڪرڻ سان سناتن ڌرم نشٽ ٿي ويندو. ڪُل ڌرم ناس ٿيڻ سان اسين اننت ڪال تائين نرڪ ۾ هلي وينداسين. پر شري ڪرشن چيو 'توکي هيءُ اگيان ڪٿان اُتپن ٿيو؟' سِڌ آهي ته اُها ڪا خراب رسم هئي تڏهن ته شري ڪرشن اُنکي الڳ ڪيو ۽ ٻڌايو ته آتما ئي سناتن آهي، جيڪڏهن توهين آتمڪ راهه نٿا ڄاڻو، ته سناتن ڌرم ۾ توهانجو سناتن ڌرم ۾ پرويش ڪونه ٿيو آهي.

جڏهن هيءُ سناتن- پوتر آتما سيني ۾ وياپڪ آهي،
ته ڪنهن کي ڳوليو وڃي؟ ان تي شري ڪرشن چون ٿا:-

अव्यक्तोऽयमचिन्त्योऽयमविकार्योऽयमुच्यते।
तस्मादेवं विदितैनं नानुशोचितुमर्हसि ।।२५।।

''اَوِيَڪتوريَمَ چِنتِيويَمَ وِڪاريور يَمُچِيَتي
تَسِمادِيوَمِ وِدِتوئِينَمِ نانوُ شوچِتُمَرِ هَسِي (٢٥)

هِيءَ آتما اَويَڪتِ مطلب اندرين جو وشيه نه آهي. اندرين ذريعي هن کي سمجهي نٿو سگهجي. جيستائين اندرين ۽ پدارٿن (وشين) جو ميلاپ آهي، تيستائين آتما ته آهي، پر اُنکي سمجهي نٿو سگهجي. هو اَچِنتِيَه آهي. جيستائين چِتُ ۽ چِتَ جي لهر آهي، هوءَ پوتر ۽ صاف آهي؛ پر اسانجي درشن، ماڻڻ ۽ داخلا جي لاءِ نه آهي. هاڻي چت کي قبضي ۾ رکو.

ڀهرين شري ڪرشن ٻڌائي آيو آهي ته اَسَتِ وستوءَ جو ڪوبه وجود ڪونهي، هستي ڪونهي ۽ سَتيه جو ٽنهي ڪالن ۾ کوٽ ڪونهي. اَياوَ ڪونهي. اُهو سَتِيه آهي آتما. آتما ئي اڻ بدلجندڙ. دائم قائم آهي، پوتر آهي، سناتن ۽ اويڪت آهي تَتوَ درشين آتما کي انهن خاص گڻن سان پريل ڏٺو. ڏهه

پاشائون چاڻندڙ هن کي ڪونہ ڏٺو، نہ وري ڪنهن ٻل واري ڏٺو، ليڪن تَتوَ درشڪن ڏٺو. شري ڪرشن وڏيڪ ٻڌايو تہ تَتوَ آهي پرماتما. من کي وس ڪرڻ وقت ساڌڪ اُنجو درشن بہ ڪري ٿو تہ اُن ۾ پرويش بہ پائي ٿو. پراپت ڪال ۾ ڀڳوان ملي ٿو ۽ ٻئي ئي پل ۾ پنهنجي آتما کي ايشوري گڻن سان سينگاريل ڏسي ٿو. هو ڏسي ٿو تہ آتما ئي ستيہ، سناتن ۽ پريپورڻ آهي. هيءُ آتما اچنتيہ آهي. هيءُ وڪارن کان رهت نہ بدلجندڙ چيو ويو آهي. هاڻي ارجن! آتما کي تون شوڪ ڪرڻ جي لائق نہ آهين. شوڪ نہ ڪر. هاڻي شري ڪرشن ارجن کي ويچارن ۾ وروڌ ڏيکاري ٿو، رواجي اٽڪل آهي.

अथ चैनं नित्यजातं नित्यं वा मन्यसे मृतम्।
तथापि त्वं महाबाहो नैवं शोचितुमर्हसि ।।२६।।

”اَٿ چَئينَمِ نِتيَجاتَمِ نِتيَمِ وامَنيَسي مِرتَمِ
تَٿاپِي تُوَمِ مَهاباهو نَئيوَمِ شوچِتوُ مَرِهَسِي (٢٦)

جيڪڏهن تون هن کي سدا جنم وٺڻ وارو ۽ سدا مرڻ وارو مڃين تہ بہ توکي شوڪ نہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ

जातस्य हि ध्रुवो मृत्युर्ध्रुवं जन्म मृतस्य च।
तस्मादपरिहार्येऽर्थे न त्वं शोचितुमर्हसि ।।२७।।

”جاتَسيَہ هِي ڌُرِوو مِرتيوُ ڌُرِوَمِ جَنمَ مِرتَسِيَہ چَ
تَسماد پَر يهارِيي ر رِٿي نَہ تُوَمِ شوچِتوُ مَرِ هَسِي (٢٧)

ائين مڃڻ تي بہ جنم وٺڻ واري جي پڪ مرتيو ۽ مرڻ واري جو ضرور جنم سِدِ ٿيندو آهي. تنهن ڪري بہ تون بنا سبب واري هن باري ۾ شوڪ ڪرڻ لائق ڪونہ آهين. جنهنجو ڪو علاج ڪونهي. اُن جي لاءِ شوڪ ڪرڻ ٻئي دکہ کي نوتو ڏيڻو آهي.

अव्यक्तादीनि भूतानि व्यक्तमध्यानि भारत।
अव्यक्तनिधनान्येव तत्र का परिदेवना ।।२८।।

”اَويِڪتاديِ نيِ ڀوُتانيِ وِيَڪتِمَڌِيانيِ ڀارت
اَويِڪتَنِڌنا نِيوَ تَترَ ڪا پَرِديوَنا (٢٨)

ارجن! سڀ پراڻي جنم کان پهرين بنا شرير وارا ۽ مرڻ کانپوءِ به بنا شرير وارا آهن. جنم کان پهرين ۽ پوءِ به ڏسڻ ۾ نٿو اَچي. فقط جنم مرتيو جي وچ ۾ ئي شرير ڌارڻ ڪيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هاڻي انهي بدلجڻ جي لاءِ اجائي چنتا ڇو ٿو ڪرين؟ انهي آتما کي ڏسي ڪير ٿو؟ ان تي چون ٿا-

आश्चर्यवत्पश्यति कश्चिदेन–
भाश्चर्यवद्वदति तथैव चान्य:।
आश्चर्यवच्चैनमन्य: श्रृणोति
श्रुत्वाप्येनं वेद न चैव कश्चित् ।।२९।।

”آشچرِيوَتپَشيَتيِ ڪَشچِديَن-
ماشچرِيَوَ دِوَ دَتيِ تَٿئيوَ چانِيَه
آشچرِيوَچِچئيِ نَمَنِيَه شِرڻوتيِ
شِرو تواپييِنَمِ ويد نه چَئيوَ ڪَشچِت (٢٩)

پهرين شري ڪرشن چيو هو ته آتما کي تَتوَ درشين ڏٺو، هاڻي تَتوَ درشن جي درلڀ ٿيڻ تي روشني وجهن ٿا ته ڪوئي ورلو مهاپرش ئي هن آتما کي آشچريه عجيب سمجهي ڏسي ٿو. ٻڌي نٿو. حاضران حضور ڏسي ٿو ۽ ائين ئي ٻيو ڪوئي مهاپرش ئي آشچريه سان اُن جو تَتو ٻڌائي ٿو. جنهن ڏٺو آهي، اُهوئي حقيقت ٻڌائي سگهي ٿو. ٻيو ڪوئي ورلو سادڪ هن کي آشچريه وانگر ٻڌي ٿو. سڀ ٻڌن به نٿا ڇو جو هيءُ هن آتما کي نٿو پائي؛ ڇو جو سادن پار نٿو لڳي. توهين لکين گيان جون ڳالهيون ٻڌو، سمجهو، چڱيءَ طرح ڌيان سان

سمجهو، خوش ٿيا؛ پر موهہ ڏاڍو پربل آهي، ٿوري دير ڪانپوءِ توهين پنهنجي سنساري وهنوارن ۾ لپٽ ڏسڻ ۾ ايندا.

پڇاڙيءَ ۾ شري ڪرشن نِرنَيہ ڏين ٿا-

देही नित्यमवध्योयं देहे सर्वस्य भारत ।
तस्मात्सर्वाणि भूतानि न त्वं शोचितुमर्हसि ।।३०।।

”ديهي نِتيَمَوَڌِيويَمِ ديهي سَروَسيَہ ڀارت
تَسِما تِسَرِواڻِي ڀوتاني نَہ تُوَمِ شوچِتوُمَرِهَسِي (٣٠)

ارجن! هي آتما سڀني جي شريرن ۾ سدائين اوڌيہ جنهن کي ماري نہ سگهجي، اڪاٽيہ، جنهن کي ڪٽي نہ سگهجي تنهن ڪري سڀني ڀوت پراڻين لاءِ شوڪ ڪرڻ توکي واجب ناهي.

آتما ئي سناتن آهي. ان سچ کي ڄاڻي سمجهي هن جي پوري مهما ورنن ڪرڻ سان هيءُ سوال پورو نٿو ٿئي. هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ هنجي پراپتي ڪيئن ٿئي؟ سچي گيتا ۾ هن جي لاءِ ٻہ مارگ آهن پهريون نشڪام ڪرم ۽ ٻيو گيان يوگ. ٻنهي راهن ۾ ڪرڻ وارو ڪرم هڪڙو ئي آهي. اُن ڪرم جي ضرورت جي ٻل تي زور ڏيندي يوگيشور شري ڪرشن گيان يوگ جي باري ۾ چون ٿا.

स्वधर्ममपि चावेक्ष्य न विकम्पितुमर्हसि।
धर्म्याद्धि युद्धाच्छ्रेयोऽन्यत्क्षत्रियस्व व विद्यते।।३१।।

’سِوَڌَرِمَمَپِي چاوِيڪِشِيَہ نہ وِڪَمِپِتوُ مَرِهَسِي
ڌَرميا ڌِي يُڌاچِڇِريو نِيتِڪشتِرِيَہ سِيہ نَہ وِدِيَتي (٣١)

سِوَڌرم پنهنجو ڌرم ڏسي ٻہ تون ڊپ ڪرڻ جي يوگيہ نہ آهين ڇاڪاڻ تہ ڌرم سان گڏيل يڌ کان وڌيڪ ٻيو ڪوئي پرم ڪلياڻڪاري مارگ ڪتري لاءِ آهيئي ڪونہ. اڄ تائين ’آتما پوتر آهي‘ آتما سناتن آهي‘ فقط اِهوئي هڪڙو ڌرم آهي، ڇيو ويو

آهي. هاڻي هيءُ سِوَ ڌرم ڪهڙو؟ ڌرم تہ صرف آتما ئي آهي. اُهو تہ اچل، استر آهي، تہ ڌرم جو آچرڻ ڇا؟ حقيقت ۾ هن آتم راهہ ۾ پرورت ٿيڻ جي ريت هر ويڪتي جي الڳہ الڳہ ٿيندي آهي. سڀاوَ مان پيدا ٿيل اُن لياقت کي سِوَڌرم چيو ويو آهي.

هن هڪ سناتن آتمڪ راهہ تي هلڻ وارن ساڌڪن کي مهاپرشن سوڀاوَ سان، اُنجي سگهہ انوسار چئن قطارن ۾ ورهايو آهي. شودر، وئشيہ، کتري ۽ برهمڻ. ساڌنا جي شروعاتي اوستا ۾ هرهڪ ساڌڪ شودر معنيٰ بي سمجهہ، اياڻو ۽ گهٽ گيان وارو ٿيندو آهي. ڪلاڪن تائين ڀڄن ۾ وهندي بہ هو ڏهہ منٽ بہ پنهنجي پاسي نٿو پائي، نٿو سمجهي. هو پرڪرتي جي مهاڄار کي ڪٽي نٿو سگهي. ان اوستا ۾ مهاپرش جي شيوا سان هن جي سڀاوَ ۾ شڀ گڻ ايندا آهن. هو وئشيہ جي قطار جو ساڌڪ بڻجي ٿو وڃي. آتمڪ سمپتي جي استر سمپتي آهي. هنجو هو آهستي آهستي سنگرهہ، ۽ گوپالن معنيٰ اندرين جي بچاءَ ڪرڻ ۾ قابل ٿي وڃي ٿو. ڪام، ڪروڌ وغيره اندرين جي هنسا ٿئي ٿي ۽ وويڪ ويراڳہ سان هنجو بچاءُ ٿئي ٿو، پر قدرت کي صفا ختم ڪرڻ، ٻج کي ڪيڻ جو هن ۾ ٻل ڪونهي. ڏاڪو ڏاڪو چڙهي اُنتي ڪري ڪري ساڌڪ جي انتهڪرڻ ۾ ٽن گڻن کي ڪاٽڻ، ڪپڻ جو ٻل معنيٰ کتري پڻو اچي وڃي ٿو. ان اوستا ۾ پرڪرتي ۽ اُنجي وڪارن کي ناس ڪرڻ جي شڪتي اچي ٿي وڃي. ان ڪري يڌ هتان ٿي شروع ٿئي. نمبروار ساڌن ڪري ساڌڪ برهمتُوَ جي درجي ۾ بدلجي وڃي ٿو. ان وقت من جو شمن، اندرين جو دمن (روڪڻ) سلسلي سان چنتن، سرلتا، انڀو، گيان وغيره نشانيون ساڌڪ ۾ سڀاويڪ ايندڀون آهن. ان ۾ سدگڻن جي آسري هلي ڪري نمبر سان هي برهم ۾ پرويش پائي ٿو وڃي.

وديھہ راجا جنڪ جي سڀا ۾ مهرشي ياگيولڪ چڪرائڻ، اُشسِت، ڪهول، آروڻي اُدالڪ ۽ گارگيءَ جي سوالن کي حل ڪندي ٻڌايو تہ آتم ساڪياڪار جو پوريءَ طرح اپياس ڪرڻ وارو، ڪوج ڪرڻ وارو ئي برهمڻ ٿيندو آهي. هيءَ آتما ئي آهي. سورج، چندرما، پرٿوي، جل، وايو، اگني، تاراگڻ مٿئين آڪاش جي وايومنڊل کي ۽ هرهڪ ڪن هن آتما جي راڄ ۾ آهن. هيءُ تنهنجو آتما انترييامي امرت آهي. آتما اڪشر آهي، هن کان جدا سڀ ناسونت آهن. جي ڪير هن لوڪ ۾ هن اڪشر کي نہ ڄاڻي يڳيہ ڪندا آهن، تپ ڪري ٿو، هزارين سالن تائين يڳيہ ڪري ٿو، اُنجا اُهي سڀ ڪرم ناشوان آهن. ڪير بہ هن اڪشر کي ڄاڻڻ بنا هن لوڪ ۾ مري وڃي ٿو اُهو دياهيڻ آهي ڪرپڻ ڪنجوس آهي ۽ جو اُن اڪشر کي ڄاڻي هن لوڪ مان مري وڃي ٿو اُهو برهمڻ آهي.

(برهدارِڻيڪو اُپنشد 8/ 7/ 5/ 4/ 3)

ارجن کتري ڪلاس جو سادڪ آهي. شري ڪرشن چوي ٿو تہ کتريءَ ورگہ جي سادڪ لاءِ يڌ کانسواءِ ڪوئي ڪلياڻڪاري رستو آهي ئي ڪونہ. سوال ٿو اُٿي تہ کتري آهي ڪير؟ گهڻو ڪري ماڻهو هنجو مقصد سماج ۾ جمڻ، اُتپن ٿيڻ برهمڻ، کتري، وئشيہ، شودر جاتين ۾ جنم وٺڻ کي ڏا چون. انهن ئي چئن ورڻن کي مڃيو ويو آهي. پر نہ شاستڪار پاڻ ٻڌايو آهي تہ کتري ڇا آهي؟ ورڻ ڇا آهي؟ هتي هنن صرف کتري جو نالو ورتو آهي ۽ اڳيان ارڙهين اڌياءَ تائين هن سوال جو نرنيہ ڏنو آهي تہ حقيقت ۾ اهو ورڻ آهي ڇا؟ ۽ ڪيئن اُن ۾ بدلاءُ ٿئي ٿو.

شري ڪرشن چيو ”چاتوُرِ وَرِڻّيِ مَيا سِرِشِٽِيِ“ (گيتا، ۴-۱۳) چئن ورڻن جي سرشٽي مون ڪئي. تہ ڇا منشن کي ورهايان؟

شري ڪرشن چون ٿا تہ نہ، ’گُڻَڪَرِمَ وڀاڳَشَہ‘‘. ڳڻن جي ذريعي ڪرم ڪي چئن ڀاڱن ۾ ورهايو. هاڻي اهو ڏسڻو آهي تہ اُهو ڪرم ڇا آهي، جنهن کي ورهايو ويو؟ ڳڻ بدلجندڙ آهن. ساڌنا جي اوچي ڪرڻيءَ دواران تامسي مان راجسي ۽ راجسي مان ساتوڪ ڳڻن ۾ داخلا ملي وڃي ٿي. آخر برهمڻ سڀاءَ بڻجي وڃي ٿو. ان وقت برهم ۾ داخلا ڏيڻ واريون سڀ يوگيتائون اُن ساڌڪ ۾ رهنديون آهن. ورڻ- سنٻنڌي سوال هتان شروع ٿي ارڙهين اڌياءَ ۾ وڃي پورو ٿئي ٿو.

شري ڪرشن جي مڃتا آهي ’شِريياِنسِوَ ڌرمو وِگُڻَهہ پَرَ ڌرماتِسِوَ نوُشِنِتاتِ‘‘ (گيتا ١٨-۴٧) سڀاءَ کان اُتپن ٿيل هن ڌرم ۾ بدلجي وڃڻ جي سمرٿي جنهن بہ حد جي هجي، ڀلي هو ڳڻن کان رهت شودر جاتي جو هجي تڏهن بہ پرم ڪلياڻ ڪري ٿي، ڇاڪاڻ تہ توهين نمبروار هلندي اُتان مٿي چڙهو ٿا. هن کان مٿي چڙهڻ وارن جو نقل ڪري ساڌڪ نشٽ ٿي وڃي ٿو. ارجن کتري شِريڻيءَ جو ساڌڪ هو، ان ڪري شري ڪرشن چون ٿا تہ- ارجن! پنهنجي سڀاءَ مان اُتپن ٿيل هن يڌ ۾ بدلجڻ جي پنهنجي سمرٿيءَ ڏسي بہ تون ڊپ ڪرڻ جي لائق نہ آهين. هن کان وڌيڪ کتري لاءِ ٻيو ڪوبہ ڪاريہ ڪلياڻڪاري نہ آهي. ان تي روشني وجهندي وري يوگيشور چون ٿا-

यदृच्छया चोपपन्नं स्वर्गद्वारमपावृतम्।
सुखिनः क्षत्रियाः पार्थ लभन्ते युद्धमीदृशम् ।।३२।।

’’يَدِرِڇِيا چوُپَپَننَمِ سِوَرگَدُوارَ مَپاوِرِتَمِ
سُکِينَهَ کِشتر ياهہ پارِتَ لَڀَنِتي يُڌُميدِرِشَمِ (٣٢)

مِرِتِ شَرِير جو ئي رٿ بڻائي اچوڪ نشانو هڻڻ وارا ارجن! پنهنجو پاڻ پراپت، سُرڳہ جي دوار روپي هن يڌ کي ڪي ڀاڳ يوان کتري ئي پراپت ڪندا آهن. کتري جي قطار جي ساڌڪ ۾

ٿنهي گڻن کي ڪٽي ڇڏڻ جي شڪتي ڏيندي آهي. هن جي لاءِ سرڳ جو دوار کليل آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ دئوي سمپتي پوري طرح پريل آهي، سُرڳ ۾ گهمڻ جي اُن ۾ سمرٿي آهي. اهوئي سرڳ جو کليل دروازو آهي. ڪيتر ڪيترگيہ جي هن يڌ کي نصيب وارا ڪتري ئي پائيندا آهن ڇوجو ان ۾ ئي اُن سنگهرش جو ٻل آهي.

دنيا ۾ لڙايون ٿينديون آهن. سڄو سنسار گڏجي لڙندو آهي، هرهڪ جاتي لڙندي آهي، پر ازلي قائم يڌ جيتڻ واري کي بہ نٿي ملي. اِهو تہ بدلا ونڻا آهن. جو ڪنهن کي جيترو دٻائي ٿو، وقت گذرندي هن کي بہ ايترو ئي دٻائڻو ٿو پوي. هيءَ کهڙي سوڀ آهي، جنهن ۾ اندرين کي سُڪائڻ وارو شوڪ بڻيو ٿو رهي. انت ۾ شرير بہ نشٽ ٿو ٿي وڃي؟ سچو سنگهرش تہ ڪيتر ۽ ڪيترگيہ جو آهي، جنهن تي هڪ ڀيرو سوڀ ٿيڻ سان پرڪرتي کي سدا جي لاءِ ٻنجو اچي ٿو ۽ پرم پرش پرماتما جي پراپتي ٿي وڃي ٿي. هيءَ اهڙي ڪاميابي آهي، جنهن جي پٺيان هار جو نالو ڪونهي.

अथ चेत्त्वमिमं धर्म्यं सङ्ग्रामं न करिष्यसि।
ततः स्वधर्मकीर्तिं च हित्वा पापमवाप्स्यसि॥३३॥

”اَٿ چيتوَمِمَمِ ڌَرمِيَہ سَنگِرامَ نہ ڪَرِشيَسي
تَتَهہ سِوَ ڌَرمَمِ ڪيرتيِ چَ هِتوا پاپَمَوُاپسِيَسيِ (٣٣)

۽ جيڪڏهن تون هن ’ڌرم يُڪتِ سنگرام‘ معنيٰ قائم دائم سناتن پرم ڌرم پرماتما ۾ داخلا ڏيڻ واري ڌرم يُڌ نہ ڪندين تہ ’سِوَڌرم‘ معنيٰ سڀاءَ کان اُتپن سنگهرش ڪرڻ جي سمرٿي، ڪِريا ۾ پرورت ٿيڻ جي ٻل کي کوهي، وڃائي پاپ معنيٰ آواگمن ۽ اپڪيرتيءَ کي پراپت ٿيندين. اپڪيرتي (بدنامي) تي روشني وجهندي.

अकीर्तिं चापि भूतानि कथयिष्यन्ति तेऽव्ययाम्।
सम्भावितस्य चाकीर्तिर्मरणादतिरिच्यते ।।३४।।

''اَڪيِرتيِ چاپِي ڀُوتاني ڪَٿَيِشيَنتي تي وِيَيامِ
سَمڀاوِتَسيَہ چاڪيِرتير مَرِٹا دَتِرچيَتي '' (٣٤)

سڀ ماڻھو گھڻي ڪال تائين تنھنجي بدنامي ڪندا رھندا. اچ بہ اوچي پد تي پھتل مھاتمائن ۾ وشوامتر، پَراشر، نيمي، شرنگي وغيره جي ڀڄڻ ٿئي ٿي. گھڻيئي ساڌڪ پنھنجي ڌرم جو ويچار ڪن ٿا، سوچين ٿا تہ لوڪ ڇا چوندا؟ اھڙو ڀاوُ بہ ساڌنا ۾ مددگار ٿيندو آھي. ان مان ساڌنا ۾ لڳي رھڻ جي پريرڻا ملي ٿي. ڪنھن حد تائين اھا ڀاونا سات ڏيندي آھي. عزتدار ماڻھن لاءِ اَپڪيِرتي مرڻ کان بہ وڌيڪ آھي.

भयाद्रणादुपरतं मंस्यन्ते त्वां महारथाः।
येषां त्वं बहुमतो भूत्वा यास्यसि लाघवम् ।।३५।।

''ڀيادرٹا دُ پَرَتَمِ مَنِسيَنتي تُوامِ مھارٿاھ
ييشامِ چَ تُوَمِ بَھوُمَتو ڀوُتوا ياسِيَسي لاگھَوَمِ '' (٣٥)

جن مھارٿين جي نگاھہ ۾ تون ڏاڍو مانَ وارو ٿي ھاڻي گ ھتتائي، ھلڪڙائي کي پراپت ٿيندين، اُھي مھارٿي لوڪ توکي ڊپ سبب يڌ کان ڀڄي ويل سمجھندا. مھارٿي ڪير؟ ھن راھہ تي ڏاڍي محنت سان اڳيان وڌڻ وارا ساڌڪ مھارٿي آھن. اھڙي طرح ايتري ئي جفاڪشيءَ سان اوديا ڏانھن کينچڻ وارا ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھہ وغيره بہ مھارٿي آھن. جيڪي توکي ڏاڍو سنمان ڏيندا ھئا تہ ھيءُ ساڌڪ ساراھہ جوڳو آھي، تون اُنھن جي نگاھن ۾ ڪِري پوندين. ايترو ئي نہ بلڪ-

अवाच्यवादांश्च बहून्वदिष्यन्ति तवाहिताः।
निन्दन्तस्तव ततो दुःखतरं नु किम् ।।३६।।

”اَواچيوادانِشِچ بهوُنوَدِشيَنتي تواهِتاِها
نِندنِتَسِتَوَ سامَرِٿيَمِ تَتو ڏُکَتَرَمِ نوُکِمِ (٣٦)

ويري لوڳ تنهنجي پراڪرم جي نندا ڪندي گهٽيئي نہ چوڻ جهڙا وچن چوندا. هڪ دوش ايندو آهي، تہ چوطرف نندا ۽ براين جي قطار لڳي ويندي آهي. نہ چوڻ جهڙا وچن بہ چيا ويندا آهن. ان کان وڌيڪ ڏکہ ڪهڙو ٿيندو- هاڻي.

हतो या प्राप्स्यसि स्वर्गं जित्वा वा भोक्ष्यसे महीम्।
तस्मादुत्तिष्ठ कौन्तेय युद्धाय कृतनिश्चय: ।।३७।।

’هَتووا پراپِيَسي سِوَرِگَمِ جِتِوا وا پوکِشيَسي مَهيِمِ
تَسِمادُ تِشِٽَ ڪؤنِتييَہ کِرِتنِشِچيَہ (٣٧)

هن يڌ ۾ مرندين تہ سرڳ پراپت ڪندين. پنهنجي نشان پد تي زور تي هلڻ جي سمرٿي رهندي. سواس کان ٻاهر پرڪرتي ۾ ڦرڻ جون ڏارائون روڪجي وينديون. پرم ديو پرماتما ۾ داخل ٿيڻ واري دئوي سمپتي هردي ۾ پوري طرح لهرائيندي رهندي. يا هن سنگهرش جي وٽندڙ اسٿتي کي پراپت ڪندين. تنهنڪري ارجن! يڌ لاءِ پڪو نشچو رکي اُٿي کڙو ٿيءُ. گهڻو ڪري لوڪ هن شلوڪ جي ارٿ ۾ سمجهندا آهن تہ هن يڌ ۾ مرندين تہ سرڳ ۾ ويندين ۽ جيتيندين تہ پرٿوي جا عيش آرام ڀوڳيندين، پر توهان کي ياد هوندو تہ ارجن چئي چڪو آهي- ’ڀڳوان پرٿوي ئي نہ، ڪٽي ٿنهي لوڪن جو راڄ ۽ ديوتائن جو سوامي پد معنيٰ اندر پد پراپت ڪندي بہ مان اُن اُپاءَ کي نٿو ڏسان، جو اندرين کي سڪائڻ وارا منهنجا شوڪ دور ڪري سگهن. جيڪڏهن ايترو ئي ملڻو آهي تہ گووند! مان يڌ اصل نہ ڪندس“ جيڪڏهن اُن تي بہ شري ڪرشن چوي تہ ”ارجن! لڙائي ڪر. جيتيندين تہ پرٿوي حاصل ڪندين، هارائيندين تہ سرڳہ جو ناگرڪ بڻجي ويندين، تہ شري ڪرشن ڏين ئي ڇا

ٿا؟ ارجن هن ڪان اڳ جو ستيہ، پرم ڪلياڻ جي ڪامنا ڪرڻ وارو شِشُ هو، جنهن کي ستگرو شري ڪرشن ٻڌايو تہ کيتر، کيترگيہ جي هن سنگهرش ۾ جيڪڏهن سرير جو سمو پورو ٿي ويو ۽ منزل تي نہ پهچي سگهئين، تہ سرڳہ پراپت ڪندين مطلب نشان تي هلڻ سان ئي ٻل پراپت ڪري وٺندين، دئوي سمپتي هرديہ ۾ ٺهڪي ويندي ۽ هن شرير جي رهندي رهندي سنگهرش ۾، يڌ ۾ سڦل ٿي ٿو وڃين تہ ’مهيم‘ سڀ ڪان مهان برهم جي مهما جو مزو ماڻيندين، مهاپرش جي پدوي حاصل ڪندين. جيتيندين تہ سڀ ڪجهہ، ڇاڪاڻ تہ مهاتماتِوَ کي پائيندين ۽ هارائيندين تہ ديوتاپڻو. ٻنهي هٿن ۾ لڏون رهندا. لاڀ ۾ بہ لاڀ ۽ نقصان ۾ بہ لاڀ ئي آهي. ورِي ان تي زور ڏيئا ڏين.

सुख दु:खे समेकृत्वा लाभालाभौ जयाजयौ।
ततो युद्धाय युज्यस्व नैवं पापमवाप्स्यसि।।३८।।

”سُکہ دُکي سميڪرِتوا لاڀالاڀئوُ جيا جيئوُ
تتو يُڌايہ يُجيَسوَ نَئيوَمِ پاپوَ واپِيَسيِ (٣٨)

ان طرح سکہ دکہ، لاڀ نقصان، کٽڻ هارائڻ کي هڪ جهڙو سمجهي تون يڌ جي لاءِ تيار ٿيءُ. يڌ ڪرڻ سان توکي پاپ نہ لڳندو. مطلب سکہ ۾ سڀ ڪجهہ ۽ دکہ ۾ بہ ديوتاپڻو آهي. لاڀ ۾ مهانتا جو پد مطلب سڀ ڪجهہ ۽ هاڃي ۾ ديوتاپڻو آهي. وجيہ ۾ مهامهان پد ۽ هارائڻ ۾ دئوي سمپتي تي اڌڪار آهي. ان طرح پنهنجي لاڀ، هاڃي کي چڱيءَ طرح پنهنجو پاڻ سمجهي تون يڌ لاءِ تيار ٿيءُ. وڙهڻ ۾ بہ ٻيئي وستو آهن. لڙندين تہ پاپ معنيٰ آواگمن کي حاصل ڪونہ ڪندين. هاڻي تون يڌ لاءِ تيار ٿيءُ.

एषा तेऽभिहिता साङ्ख्ये बुद्धिर्योगेत्त्विमां श्रृणु।
बुद्ध्या युक्तो यया पार्थ कर्मबन्धं प्रहास्यसि।।३९।।

’ايشا تيڀهتا سانکيي ٻُڌِيرِ يوگي تِوام شِرِڻُو
ٻُڌِيا يُڪتو يَيا پارِٿ ڪَرِمَبَنڌَمِ پِرَهاسِيَسي (٣٩)

پارٿ! هيءَ ٻُڌي تنهنجي لاءِ گيان يوگ جي وِشيہ ۾ چئي ويئي آهي کهڙي ٻُڌي؟ اهائي تہ يڌ ڪر. گيان يوگ ۾ ايترو ئي آهي تہ پنهنجي هستيءَ کي ڏسي، لاڀ هاڃيءَ تي چڱي طرح ويچار ڪري تہ جيتيندس تہ مهانپڻي جو پد ۽ هارائيندس تہ ديوتاپڻو، سوڀ ۾ سڀ ڪجهہ ۽ هار ۾ بہ ديوتو. ٻنهي پاسي لاڀ آهي. يڌ نہ ڪندين تہ سڀ اسانکي ٻُرو چوندا. ڊپ ڪان يڃي ويا ائين مڃيندا، بدنامي ٿيندي. ان طرح پنهنجو پاڻ کي، هستيءَ کي سامهون رکي پاڻ ويچار ڪر يڌ ۾ اڳيان اچي ياڳہ وتڻ ئي گيان يوگ آهي. گهڻو ڪري لوگن ۾ وهم آهي تہ گ يان مارگ ۾ يڌ (ڪرم) نٿي ڪرڻي پوي. هو چوندا آهن تہ گيان مارگ ۾ ڪرم ڪونہ آهي. مان تہ ’شڌ آهيان‘ چيتنيہ آهيان اَهِم برهماسمي.‘ ’گُڻ ئي گڻن ۾ ورتن ٿا‘ اهو مڃي هٿ ٻڌي، هٿ تي هٿ رکي ويهي ٿا رهن. يوگيشور ڪرشن انوسار اهو گيان يوگيہ ڪونہ آهي. گيان يوگ ۾ ٻيي اُهي ئي ’ڪرم‘ ڪرڻا آهن، جيڪي نشڪام ڪرم يوگ ۾ ڪيا ويندا آهن. ٻنهي ۾ فقط ٻڌيءَ جي نظريي جو فرق آهي. گيان مارگ وارا پنهنجي حالت سمجهي، پاڻ تي ڀروسو رکي ڪرم ڪري ٿو پر نشڪام ڪرم يوگي پنهنجي اشٽ جي آسري تي ڪرم ڪري ٿو. ڪرڻو ٻنهي راهن ۾ آهي ۽ اهو ڪرم بہ هڪڙوئي آهي، جنهنکي ٻنهي رستن دواران ڪيو وڃي ٿو صرف ڪرم ڪرڻ جي درشٽي ڪوڻ بہ آهن، طريقا بہ آهن.

ارجن! انهي ٻُڌيءَ کي هاڻي تون نشڪام ڪرم يوگ جي

باري ۾ ٻُڌُ، جنهن سان ملي هڪ تي تون ڪرم جي بندنن کي ڇڳيءَ طرح ناس ڪندين. هتي سري ڪرشن 'ڪرم' جو نالو پهريون ڀيرو ورتو آهي، پر اهو نہ ٻڌايائين تہ ڪرم آهي ڇا؟ هاڻي ڪرم نہ ٻڌائي پهرين ڪرم جي خاصيتن تي روشني ٿا وجهن.

नेहाभिक्रमनाशोऽस्ति प्रत्यवायो न विद्यते।
स्वल्पमप्यस्य धर्मस्य त्रायते महतो भयात्॥४०॥

'نيها ڀِي ڪِرمَ ناشوسِتي پِرَتِيَوايو نہ وِدِيَتي
سِوَلِپَمپِيَسِيہ ڌَرِمَسِيہ تِرايَتي مَهتو ڀَياتِ (۴۰)

هن نشڪام ڪرم يوگہ ۾ شروع جي ٻج جو ناس نٿو ٿئي. ڪوبہ ڦل ملڻ وارو دوش ڪونہ آهي، انڪري هن نشڪام ڪرم جو، هِن ڪرم سان پڪي، گڏن واري، نپڻ ڌرم جو ٿورو بہ ساڌن- جنم مرتيو روپي مهان ڀَيہ کان اُڌار ڪري ڇڏي ٿو. توهين هن ڪرم کي سمجهو ۽ اُن تي بہ قدم هلي ڏسو (جو سدگرهست آشرم ۾ رهي ئي هلائي سگهون ٿا، ساڌڪ تہ هلندا ئي آهن) ٻج ڀري ڀري وجهو، تہ ارجن! ٻج جو ناس نٿو ٿئي. پرڪرتي ۾ ڪوئي ٻل، ڪا سمرٿي ڪونهي، اهڙو ڪو استر، وارنش ڪونهي جو اُن ستيہ کي مٽائي سگهي. پرڪرتي صرف پردو وجهي سگهندي آهي، ڪجهہ دير ڪري سگهندي آهي. پر ساڌن جي شروعات کي مٽائي نٿي سگهي.

اڳيان هلي شري ڪرشن ٻڌايو تہ سيني پاپين کان بہ وڏو پاپي ڇونہ هجي، گيان روپي ٻيڙيءَ دواران بنا شڪ جي پار ٿي ويندو. ٺيڪ ان ڳالهہ کي هتي ڇون ٿا تہ ارجن! نشڪام ڪرم يوگہ جو ٻج وجهڻ جو ڪم بنا دير جي ڪري ڇڏيو، تہ اُن ٻج جو ڪڏهن ناس ڪونہ ٿيندو. ابتا ڦل روپي دوش هن ۾ نہ آهن تہ توهانکي سرڳہ، رڌين يا سڌين تائين پهچائي ڇڏي ڏئي.

توهين هي ساڌن ڀلي ڇڏي ڏيو؛ پر هيءُ ساڌن تنهنجو اُڌار ڪري ئي رهندو. هن نشڪام ڪرم يوڳ جو ٿورو به ساڌن جنم مرتيو جي وڏي ۾ وڏي ڊپ کان اُڌار ڪري ڇڏي ٿو.

’انيڪجنمَ سَنِسدَسِتَتو ياتِ پَرامِ گَتامِ (گيتا ۴۵-۱)

ڪرم جو هيءُ ٻج وجهڻ گهٽن جنمن کانپوءِ به اُتي ئي بيٺو هوندو، جتي پرم ڌام آهي، پرم گت آهي. انهي ئي سلسلي ۾ اڳيان چون ٿا-

व्यवसायात्मिका बुद्धिरेकेह कुरुनन्दन।
बहुशाखा ह्यनन्ताश्च बुद्धयोऽव्यवसायिनाम्।।४१।।

’وِيَوَ ساياتمَ ڪا بُڌِي ريڪيهه ڪُرُنندن
بَهو شاکا هِيَنَنِتا شچ بُڌَيو وِيَوَ سايِنامِ ‘ (۴۱)

ارجن! هن نشڪام ڪرم يوڳ ۾ ڪم ڪرڻ واري ٻُڌِي هڪ ئي آهي. ڪم به هڪڙو آهي ۽ نتيجو به هڪ آهي. آتمڪ سمپتي ئي سچي سمپتي آهي، هميشه لاءِ رهڻ واري سمپتي آهي. هن سمپتيءَ کي پرڪرتي جي ٻن جي جهڳڙي ۾ آهستي آهستي ڪري حاصل ڪرڻ ضروري يا پڪي اِرادي وارو ڪرم به هڪ ئي آهي. تڏهن ته جي لوڪ گهڻيون ڪريائون ٻڌائين ٿا، ڇا اُهي ڀڄن نٿا ڪن؟ شري ڪرشن چون ٿا ’ها، اُهي ڀڄن نٿا ڪن. اُنهن پرشن جي ٻُڌِي اڻ ڳڻين شاخائن واري ٿيندي آهي، تنهنڪري انيڪ ڪمن جو وستار ڪندا آهن.‘

यामिमां पुष्पितां वाचं प्रवदनन्त्यविपश्चितः।
वेदवादरताः पार्थ नान्यदस्तीति वादिनः।।४२।।

’يا مِمامِ پُشپَتامِ واچِمِ پِرَوَدَنِتيوِ پَشچِتَهَه
ويد وادَرتاهه پارِٿ نانيَد سِتيِتِي وادِنَهه (۴۲)

कामात्मानः स्वर्गपरा जन्मकर्मफलप्रदाम्।
क्रियाविशेषबहुलां भोगैश्वर्यगतिं प्रति।।४३।।

’ڪاما تِمانَهه سِوَرگَپَرا جَنمَڪرِمڦَلَ پرَدامِ
ڪِرِيا وشيشَبَهوُلامِ ڀوگيشِچرِ يَگَتَمِ پرَتي (۴۳)

پارٿ اُهي ’ڪاماتمانَهه‘ ڪامنائن سان ڀريل ’ويد وادَرَ تاهه‘ ويدن جي جملن ۾ چيل ’سِوَرِگَپَراهه‘ سرڳ کي پرم لکش مڃين ٿا ۽ ان کان اڳيان وڏيڪ ڪجهه به ڪونه آهي. ائين چوڻ وارا اوويڪي ماڻهو، جنم مرتيو جو ڦل ڏيڻ واري ڀوڳ ۽ پدارٿن جي پراپتي لاءِ گهڻائي ڪرم وستار سان ڪن ٿا ۽ ڏيکاءَ واري مني، سني واڻيءَ جا ظاهر به ڪن ٿا. مطلب ته اوويڪي پرشن جي ٻُڌي ڏاڍي ڀيد واري ٿئي ٿي. هو ڦل ڏيڻ وارن اکرن ، جملن ۾ مگن رهن ٿا، ويدن جي واڻيءَ کي ئي ثبوت مڃين ٿا، سُرڳ ئي سڀ کان سريشٽ ٿا مڃين. هنن جي ٻُڌِي ڏاڍي ڀيد واري آهي تنهنڪري اننت ڪمن جي رچنا ڪري ٿا وٺن. هو به نالو ته پرم تَتوَ پرماتما جو ئي وٺن ٿا، پر اُن جي اوٽ ۾ گهڻن ئي ڪمن جو وستار ڪن ٿا. ته ڇا اننت ڪريائون ڪرم نه آهن؟ شري ڪرشن چون ٿا- نه- اڻ ڳڻٽيون ڪريائون ڪرم نه آهن. ته اُها نشچت ڪرم يا ڪريا آهي ڇا؟ شري ڪرشن هينئر اهو نٿو ٻڌائي. هاڻي ته فقط ايترو چون ٿا ته اوويڪي پرشن جي ٻڌي گهڻن پاسن واري ٿيندي آهي ۽ تنهنڪري هو انيڪ ڪمن جو وستار ڪري ٿا وٺن. هو صرف وستار نٿا ڪن پر سهڻي، سينگاريل نموني سان اُن کي چئي به ٿا ٻڌائين. ان جو اثر کهڙو ٿو ٿئي؟

भोगैश्वर्यप्रसक्तानां तयापहृतचेतसाम्।
व्यवसायात्मिका बुद्धिः समाधौ न विधीयते।।४४।।

’ڀوگئيشِچرِيَپرَ سَڪتنا نامِ تيا پَهتَچيتَسامِ ا
ويَوَ سايا تِمَڪا ٻُڌِي سَماڌَئوُ نه وِڌِيَتي اا (۴۴)

اُنهن جي واڻيءَ جي ڇاپ جن جن جي چت تي پئجي

ٿي وچي ارجن! اُنهن جي بہ ٻڌي نشٽ ٿي وچي، نہ ئي هو ڪجهہ پائين ٿا. اُن ٻاٽيءَ دواران هارايل چٽ وارن ڪي ٻيا يوڳہ پدارٿن ۾ ڦاٿل پُرشن جي انتهڪرڻ ۾ ڪم ڪرڻ واري ٻُڌي نٽي رهي، اشٽ، پرماتما ۾ سماڌي ۾ اسٿت ڪرڻ واري نشچي واري ڪِريا اُنهن ۾ نہ ٿيندي.

اهڙن اوويڪي جي واٽي ٻُڌي ڪير ٿو؟ يوڳہ پدارٿن ۾ موهہ رکڻ وارا ئي ٻُڌن ٿا، اڌڪاري ڪونہ ٻُڌندو آهي. اهڙن پرشن ۾ سَمانتا ۽ آدي تَتِوَ ۾ داخلا ڏيارڻ واري نشچي واري ڪِريا ۾ مليل ٻُڌي نٽي رهي.

سوال ٿو اُٿي تہ 'ويد وادرتا' جو ويد جي وچنن ۾ چيل آهي، چا اُهي بہ ڀُل ڪن ٿا؟ ان تي شري ڪرشن چون ٿا-

त्रैगुण्यविषया वेदा निस्त्रैगुण्यो भवार्जुन।
निर्द्वन्द्वो नित्यसत्त्वस्थो निर्योगक्षेम आत्मवान् ।।४५।।

'ترئيگُڻيَوِ شَيا ويدا نِسترِيئِي گُڻيو ڀوارجُنَ
نِرِدوَندو نِتيَسَتوَستو نريوگَڪشيمَ آتَمواڻ (۴۵)

ارجن! 'ترِئيگُڻيوشَيا ويدا' ويد ٽنهي گڻن تائين ئي روشني ڪن ٿا. ان کان اڳہ جو حال هو نٽا ڄاڻن. تنهنڪري 'نِسترِئي گُڻيو ڀوارِجُن' ارجن! تون ٽنهي گڻن کان مٽي چڙهہ مطلب تہ ويدن جي ڪاريہ کيتر کان اڳيان وَڌُ ڪيئن وَڌجي؟ ان تي شري ڪرشن چون ٿا 'نِرِدُونِدوَ' سکہ دکہ جي جهڳڙن کان رهت، نِتيَہ سَتِ وَستو ۾ اسٿت ٿيڻ ۽ يوگہ ڪشيم کي نہ چاهيندي آتم پرايڻ ٿيءُ. ائين مٽي چڙهہ. سوال ٿو اُٿي تہ اسين بہ اُتون يا ڪوئي ويدن کان مٽي بہ چڙهيو آهي؟ شري ڪرشن ٻڌائين ٿا. اڳيان جو بہ وڌي ٿو سو برهم کي ڄاڻي ٿو، جو برهم کي ڄاڻي ٿو سو برهمڻ آهي.

यावानर्थ उदपाने सर्वत: सम्प्लुतोदके।
तावान्सर्वेषु वेदेषु ब्राह्मणस्य विजानत: ।।४६।।

’يا وانَرِتَ اُدپاني سَرِوَتَھہ سَمِپلوُ تودڪ
تاوانسَرِويشوُ ويديشوُ بِرَهَمَڻِسِيَہ وجانَتَھہ (۴٦)

سڀني طرفن کان پورڻ درياھہ کي پائيندي منش جو ننڍي درياھہ سان پريوجن رهي ٿو، چڱيءَ طرح برهم کي ڄاڻڻ وارا برهمڻ جو ويدن سان ايترو ئي پريوجن آهي. تاتپرج اِهو آهي جو ويدن کان مٿي چڙهي ٿو اُهو برهم کي ڄاڻي ٿو، اُهوئي برهمڻ آهي. مطلب تہ ويدن کان مٿي چڙھہ- برهمڻ ٿيءُ.

ارجن کتري هو. شري ڪرشن چون ٿا تہ برهمڻ ٿيءُ، کتري وغيره ورڻ سڀاءَ جي شڪتين جو نالو آهي. هيءُ ڪرم پرڌان آهي، نہ رڳو جنم سان نرڌارت هئڻ واري ڪا رسم. جنهن کي گنگا جي ڌارا ملي آهي، اُن کي ننڍي درياھہ سان ڪهڙو واسطو؟ ڪوئي اُن ۾ سنان ڪري ٿو، تہ ڪير جانورن کي سنان ٿو ڪرائي. هن کان وڌيڪ ٻيو ڪوئي هنجو اُپيوگہ ڪونهي. اهڙي طرح برهم کي ساکيات ڄاڻڻ واري اُن برهمڻ مهاپرش جو، اُنهن ويدن سان ايترو ئي پريوجن رهجي ٿو وڃي. واسطو رهي ضرور ٿو، ويد رهن ٿا، ڇو جو پٺيان رهندڙن جي لاءِ اُنجو اُپيوگہ آهي. اُتان ئي چرچا شروع ٿيندي. تنهن کانپوءِ يوگيشور ڪرشن ڪرم ڪرڻ وقت وڌندڙ ساوڌانين جو ورڻن ڪن ٿا-

कर्मण्येवाधिकारस्ते मा फलेषु कदाचन।
मा कर्मफलहेतुर्भूमा ते सङ्गोऽस्त्वकर्मणि ।।४७।।

’ڪَرِمَڻِيِيوا ڌِڪارَسِتي ما ڦَليشوُ ڪداچَنَ
ما ڪَرِمَڦَلَ هيتُرِ ڀوُرِما تي سَنگوسِتِوَ ڪرماڻِي (۴٧)

ڪرم ڪرڻ تي ئي تنهنجو اڌڪار هجي، ڦل تي ڪڏهن بہ نہ. ائين سمجھہ تہ ڦل آهيئي ڪونہ. ڦل جي واسنا وارو بہ نہ

ٿيءُ ۽ ڪرم ڪرڻ ۾ تنهنجي شرڌا بہ نہ هجي.

هيل تائين يوگيشور ڪرشن اوڻيتاليهين سلوڪ ۾ پهريون پيرو ڪرم جو نالو ڪنيو؛ پر اهو نہ ٻڌايائين تہ اهو ڪرم آهي ڇا ۽ اُنکي ڪريون ڪيئن؟ اُن ڪرم جي خاصيتن تي روشني وڌي تہ -

١. ارجن! هن ڪرم دوران تون ڪرمن جي ٻنڌنن کان سنيءَ طرح ڇٽي ويندين.

٢. ارجن! هن ۾ شروعات ۾ پيل ٻج ناس نٿو ٿئي. شروعات ڪري ڇڏ، تہ پرڪرتي وٽ هن کي نشٽ ڪرڻ جو ڪوبہ اُپاءُ ڪوونهي.

٣. ارجن! هن ۾ ذري بہ ڦل سروپ دوش آهيئي ڪونہ تہ سرگ ۾، رڌين سِڌِيُنِ ۾ ڦاسائي بيهاري ڇڏي.

۴. هن ڪرم جو ٿورو بہ ساڌن جنم مرڻ جي ڊپ کان اُڌار ڪرڻ وارو ٿيندو آهي.

پر اجا تائين هنن اهو ڪونہ ٻڌايو تہ اُهو ڪرم آهي ڇا؟ ڪيئن ڪيو وڃي؟ هن اڌياءَ جي ايڪيتاليهين شلوڪ ۾ هنن ٻڌايو -

٥. ارجن! هن ۾ نشچيہ واري ٻُڌي هڪ ئي آهي، ڪم بہ هڪ ئي آهي. تہ ڇا گهڻن ڪمن وارا پڇن نٿا ڪن؟ شري ڪرشن چون ٿا- هو ڪرم نٿا ڪن. ان جو سبب ٻڌائيندي هو چون ٿا تہ اوويڪي پرشن جي ٻُڌِي گهڻين شاخائڻ واري آهي، ان ڪري هو گهڻن ڪمن جو وستار ڪري ٿا وٺن. هو ڏيکاءَ وارا مٺي سني واٽيءَ ۾ انهن ڪمن کي ظاهر ڪن ٿا. اُنهن جي واٽيءَ جي ڇاپ جن جي چت تي پئجي ٿي وڃي، اُنهن جي ٻُڌي بہ نشٽ ٿي وڃي ٿي. هاڻي نشچي واري ڪِريا هڪ ئي آهي، پر اهو ڪونہ ٻڌايو تہ اُها ڪِريا ڪهڙي

آهي؟

ستيتاليهين سلوڪ ۾ هنن چيو- ارجن! ڪرم ڪرڻ تي ئي تنهنجو اڌڪار آهي، ڦل تي اصل نہ. ڦل جي واسنا وارو بہ اصل نہ ٿيءُ ۽ ڪرم ڪرڻ ۾ بہ تنهنجي شرڌا نہ هجي مطلب هميشه ڪرڻ جي لاءِ اُن ۾ مگن ٿي ڪريو؛ پر اهو ڪونہ ٻڌايو تہ اُهو ڪرم آهي ڇا؟ هميشه هن شلوڪ جو حوالو ڏيئي ماڻهو چوندا آهن تہ ڪجهہ بہ ڪريو، پر ڦل جي ڪامنا نہ ڪريو، ٿي ويو نشڪام ڪرم يوگہ؛ پر اڃا تائين شري ڪرشن ٻُڌايو ئي ڪونهي تہ ڪرم آهي ڪهڙو، جنهن ڪي ڪيون؟ هتي صرف ڪرم جي خاصيتن تي روشني وڌي تہ ڪرم ڏيندو ڇا آهي ۽ ڪرم ڪرڻ وقت ورتل ساوڌانيون ڇا آهن؟ اُنهن کي پڙرو ڪيو. سوال جيئن جو تيئن بڻيو رهيو آهي، جنهنکي يوگيشور اڳيان اڌياءَ تئين چوٿين ۾ ظاهر ڪندو. وري هن تي زور ڏين ٿا-

योगस्थः कुरु कर्माणि सङ्गं त्यक्त्वा धनञ्जय।

सिद्ध्यसिद्ध्योः समो भूत्वा समत्वं योग उच्यते ।।४८।।

'يوگَسٿَهہ ڪُروُڪَرماڻِي سَنگَمِ تِيَڪتوا ڌَنَنجَيَہ

سِڌَيسِڌَيوهَہ سَمو ڀوُتوا سَمَتُوَمِ يوگَہ اُچيَتي (۴۸)

ڌننجيہ ! موهہ ۽ اٽڪڻ کي تياڳِي، سِڌيءَ ۽ اَسِڌيءَ ۾ سمان ڀاوُ رکي، يوگہ ۾ پڪو ٿي ڪرم ڪَر. ڪهڙو ڪرم؟ نشڪام ڪرم ڪر 'سَمَتُوِمِ يوگہ اُچِيَتي' اِهو سمان ڀاوُ ئي يوگہ چوائيندو آهي. جنهن ۾ نفرت نہ هجي، دشمني نہ هجي. اهڙو ڀاوَ هڪجهڙو چوائيندو آهي. رڌيون سڌيون دکي ڪن ٿيون، آسڪتي اسان کي دکي ڪري ٿي، ڦل جي اڇا دشمني پيدا ڪري ٿي، ان ڪري ڦل جي واسنا نہ هجي، پوءِ بہ ڪرم ڪرڻ ۾ اشرڌا نہ هجي، ڪرم ڪرڻ ڪان ڪيبايون نہ. ڏنل ٻڌل سِيني شَين جي

آسڪتي تياڳ ڪري، پراپت يا اڻ پراپت جي باري ۾ نہ سوچي رڳو يوگ ۾ استٿت رهي ڪرم ڪر. يوگ کان چت چلائمان نہ ٿئي.

يوگ هڪ بيحد وڏي درجي جي اوستا آهي ۽ هڪ شروعاتي اوستا بہ ٿيندي آهي. شروع ۾ ئي اسانجي درشٽي پنهنجي مقصد تي ئي رهڻ گهرجي. هاڻي يوگ تي نظر رکندي ڪرم جو وهنوار ڪرڻ گهرجي. سمان ڀاو معنيٰ ڪاميابي ۽ ناڪاميابي ۾ هڪجهڙو رهڻ ئي يوگ چوائيندو آهي. جنهن ڪي هار يا جيت بي آرام نٿي ڪري، منجهائي نٿي، ڏکہ شوڪ جنهن ۾ پيدا نٿو ٿئي، اهڙي ڀاونا هئڻ سبب هيءُ سَمتوَ يوگ چوائيندو آهي.

هيءُ اِشٽ پرماتما سان ميلاپ ڪرائي ٿو، ان ڪري هن کي ملائڻ جو يوگ چون ٿا. سڀني ڪامنائن جو هر نموني تياڳ آهي، ان ڪري هن کي نشڪام ڪرم يوگ چون ٿا. ڪرم ڪرڻو آهي، ان ڪري ان کي ڪرم يوگ چون ٿا. پرماتما سان ميلاپ ڪرائي ٿو، ان ڪري هنجو نالو يوگ معنيٰ ميلاپ آهي. هن ۾ پنهنجي ٻُڌيءَ جي ٻل جو ڌيان رکڻو پوندو آهي تہ سڌي ۽ اسڌيءَ ۾، هار يا جيت ۾ سمان ڀاوَ ۾ رهي، آسڪتي نہ هجي، موهہ نہ هجي، ڦل جي واسنا نہ اچي ان ڪري اهو ئي نشڪام يوگ، ٻُڌي يوگ بہ چيو ويندو آهي.

दूरेण ह्यवरं कर्म बुद्धियोगाद्धनञ्जय।
बुद्धौ शरणमन्विच्छ कृपणाः फलहेतवः ।।४९।।

”دوُرڻي هِيَوَرَمِ ڪَرِ مَبدِيِيوگادِ نَ جَيَہ
ٻُدَئوُ شَرَڻَمَنوِڇ ڪِر پَڻاهہ ڦَلهيتَوَهہ “ (۴۹)

ڌنَنجَيَہ! ”اَوَرَمِ ڪَرمَ“- نِڪرِشِٽ ڪرم، ڪامنا وارا ڪرم ٻُڌي يوگ کان ڪوسون دور آهن. ڦل جي ڪامنا وارو ڪِرپن، غريب، ڪنجوس آهي. هو آتما سان اُدارتا جو ورتاءُ

نٽا ڪن، ھاڻي سم ڀاوَ ٻُڌيءَ جو آسرو وٺ. جھڙي ڪامنا آھي، اھڙو ملي بہ وڃي، تہ اُن ڪي ڀوڳڻ لاءِ شرير ڌارڻ ڪرڻو پوندو. جنم مرڻ جو چڪر بڻيو رھندو تہ ڪلياڻ ڪيئن ٿيندو؟ ساڌڪ ڪي تہ موڪش جي بہ واسنا نہ رکڻ کپي، ڇوتہ واسنائن کان مڪت ٿيڻ ئي تہ موڪش آھي. ڦل جي پراپتي جو چنتن ڪرڻ سان ساڌڪ جو وقت اجايو برباد ٿو ٿئي ۽ ڦل ملڻ تي بہ اُنھي ڦل ۾ اُلجھي ٿو وڃي. ھنجي ساڌنا پوري ٿي وڃي ٿي. پوءِ ھو ڀڄن ڇو ڪري؟ اُتان ھو ڀٽڪي ٿو وڃي. تنھنڪري سريشٽ ٻُڌِيءَ جي يوگہ جو وھنوار ڪر. گيان مارگ ۾ کي بہ شري ڪرشن ٻُڌي يوگہ چيو ھو تہ ارجن! ھيءَ ٻُڌي تنھنجي لاءِ گيان يوگہ جي وشيہ ۾ چئي ويئي ۽ نشڪام ڪرم يوگہ کي بہ ٻُڌي يوگہ چيو ويو. حقيقت ۾ بنھي ۾ ٻڌيءَ جي نظريي جو ئي فرق آھي. اُن ۾ لاڀ ھاڃي جو رکارد رکي اُنکي جاچي ھلڻو پوندو آھي. ھن ۾ ٻُڌيءَ جو درجو وڌائي سمياوَ بڻائي رکڻو پوندو آھي. تنھنڪري ھن کي سمانتا وارو ٻُڌي يوگہ بہ چوندا آھن. تنھنڪري ڌننجيہ! تون سمانتا واري ٻڌيءَ جو آڌار گرھڻ ڪر ڇو جو ڦل جي واسنائن وارا بيحد غريب، ڪرپن آھن.

बुद्धियुक्तो जहातीह उभै सुकृतदुष्कृते।
तस्माद्योगाय युज्यस्व योग: कर्मसु कौशलम् ।।५०।।

”ٻُڌِي يُڪتو جھاتيھہ اُڀئي سُڪِرتَدُ شڪِرتي
تَسمادِ يوگايہ يُجيَسِوَ يوگہھہ ڪَرِمَسوُ ڪَئوُشَلَمِ (٥٠)

سَمَ ڀاوَ ٻُڌي يُڪِت پرش- پڇ- پاپ بنھي کي ئي ھن لوڪ ۾ تياڳي ڇڏيندو آھي، اُنھن ۾ ڦاسندو نہ آھي، چنبڙندو نہ آھي ان ڪري سَمَتِوَ ٻُڌي يوگہ لاءِ ڪوشش ڪر. ”يوگہ ڪَرِمَسوُ ڪؤشَلَمِ“ سَدِ ٻُڌي سان گڏ ڪرمن جو سَدِ وھنوار ئي يوگہ آھي.

سنسار ۾ ڪرم ڪرڻ جا ٻه ويچار مشهور آهن. لوڪ ڪرم ڪن ٿا ته ان جو ڦل به ضرور چاهين ٿا يا جي ڦل نه ملي ته ڪرم ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيڻ چاهين؛ پر يوگيشور شري ڪرشن انهن ڪرمن کي بنڌن روپ ٻڌائيندي ”آرڌنا“ کي به رڳو ڪرم مڃين ٿا. هن اڌياءَ ۾ هنن ڪرم جو نالو ماتر (فقط) ورتو. اڌياءَ جي ٣ کان ٩ تائين سلوڪن ۾ اُنهن جي وياکيا ڏني ۽ چوٿين اڌياءَ ۾ ڪرم جو سروپ تي وستار سان روشني وڌائون. هن سلوڪ ۾ شري ڪرشن سنساري پرمپرا کان هٽي ڪرم ڪرڻ جي ڪلا ٻڌائي ته ڪرم ته ڪريو، شرڌا سان ڪيو، پر ڦل جي اڇا ڪي، انهي اڌڪار کي ڇڏي ڏيو. ڦل ويندو ڪيڏانهن؟ اهائي ڪرمن جي ڪرڻ جي ڪشلتا آهي. نشڪام ساڌڪ جي سڄي شڪتي انهي طريقي ڪرم ۾ لڳي رهي ٿي. آرڌنا لاءِ ئي ته شرير آهي. پوءِ به اڻ تڻ سياويڪ آهي ته ڇا هميشه ڪرم ئي ڪندو رهڻو آهي يا ان جو ڪجهه نتيجو به نڪرندو؟ هن کي ڏسو-

कर्मजं बुद्धियुक्ता हि फलं त्यक्त्वा मनीषिणः।
जन्मबन्धविनिर्मुक्ताः पदं गच्छन्त्यनामयम्।।५१।।

’ڪرمَجَمِ ٻُڌي يُڪتاهِه ڦلَمِ تيَڪتِوا مَنيِشِڻهه
جَنمَ بنڌ وِنر مُڪتاها پَدَمِ گڇنتِيَنامَيَمِ “ (٥١)

ٻُڌي يوگه ۾ گڏيل گياني جن ڪرمن مان اُتپن ٿيڻ واري ڦل کي تياڳي جنم ۽ مرتيو جي بنڌن کان ڇٽي ٿا وڃن. هو نردوش امرتميه پرم پد کي پراپت ڪن ٿا.

هتي ڏن ٻُڌِيُن جو چترڻ ڪيل آهي. (شلوڪ ٣٩) سانکيه ٻُڌيءَ ۾ به ڦل آهن- جنم مرتيو کان مڪتي، نرمل اوناشي پد جي پراپتي. بس اهي به ئي يوگه ڪريائون آهن. انهن کانسواءِ ٻُڌِي اوويڪي آهي. اڻ ڳڻت شاخائن واري آهي، جنهنجو ڦل

ڪرم يوڳہ جي لاءِ وري وري جمڻ- مرڻ آهي.

ارجن جي درشٽي ٽن لوڪن جي سامراجيہ ۽ ديوتائن جي سواميپڻي تائين محدود هئي. ايتري هوندي بہ هو يڌ ۾ پرورت نہ ٿي ٿيو. هتي شري ڪرشن هنڪي نئون سچ ظاهر ٿا ڪن تہ آسڪتي رهت، موهہ بنا ڪرم دواران تندرست، بنا ڪنهن زخم جي پد پراپت ٿئي ٿو. نشڪام ڪرم يوگہ پرم پد ڏياري ٿو. جتي موت جو پرويش ڪونہ آهي. هن ڪرم ۾ پرورتي ڪڏهن ٿيندي؟

यदा ते मोहकलिलं बुद्धिर्व्यतितरिष्यति।
तदा गन्तासि निर्वेदं श्रोतव्यस्य श्रुतस्य च।।५२।।

”يَدا تي موهَڪَلِلَمِ بڌِيرِ وِيَتيِتَ رِشيَتيِ
تَدا گَنتاسيِ نِرويدَمِ شِروتويَسِيَہ شُرتَسِيَہ چَ (۵۲)

جنهن وقت ۾ تنهنجي هر ساڌڪ جي) ٻُڌِي موهہ روپي چِڪڻ کي پوريءَ طرح پار ڪندي، ذري ماتر موهہ نہ رهجي وڃي. نہ پُٽ ۾، نہ ڌن ۾، نہ مانَ سنَمان ۾. انهن سيني سان لڳاءُ ٽٽي پوندو، ان وقت جو ٻڌڻ لائق آهي، ان کي تون ٻڌي سگهندين. هينئر تہ جيڪو ٻڌڻ لائق آهي، اُن کي نہ تون ئي ٻڌي سگهيو آهين ۽ آچرڻ، هلڻ جو تہ سوال ئي نٿو اُٿي. انهي قابليت تي وري پرڪاش وجهندي:

श्रुतिविप्रतिपन्ना ते यदा स्थास्यति निश्चला।
समाधावचला बुद्धिस्तदा योगमवाप्स्यसि।।५३।।

”شِروتيِ وِپِرَتيِ پَنا تي يَدا سِٿاسِيتيِ نشچلا
سماڌا وَچِلا بُڌيِمِتتَدا يوگمواپِسِيَسيِ “ (۵۳)

انيڪ پرڪار جي ويد وچنن کي ٻڌي منجهيل، اُلجهيل تنهنجي بُڌِي جڏهن پرماتم سِوَروپ ۾ شانت ٿي اچل، استٿ ٺهري ويندي، تڏهن تون سمانتا واري يوگہ کي حاصل

ڪندين. پورڻ سَمَ استٿي کي پراپت ڪندي، جنهن کي ’بنا دوش‘ پرم پد چئجي ٿو. اهائي يوگ جي وصف آهي، وياکيا آهي ۽ اهائي اڻ پراپت ٿيل جي پراپتي آهي. ويدن مان تہ سکيا ئي ملي ٿي، پر شري ڪرشن چون ٿا ’شُرتي وِپِرَتي پَنا‘‘ شُرتين جا انيڪ سڌانتن کي ٻڌڻ سان ٻڌي اُلجهي ٿي وڃي. سڌانت تہ گھڻيئي ٻڌاسين، ليڪن جو ٻڌڻ لائق آهي، لوڪ اُن کان دور ئي رهن ٿا.

هيءَ اُلجهيل ٻُڌي جنهن وقت سماڌيءَ ۾ استٿ ٿي ويندي، تڏهن تون يوگ جي معنيٰ کي سمجهندين، ۽ امر پد کي پراپت ڪندين. ان تي ارجن جو اُتساهہ سياويڪ هو تہ هو مهاپرش ڪيئن ٿيندا آهن جي بنا دوش پرم پد ۾ استٿ آهن. سماڌيءَ ۾ جن جي ٻُڌي استٿ آهي؟ هن سوال ڪيو.

ارجن اُواچ

’’اِستِٿپَرگيہ ڪا ڀاشا سَماڌِيسِٿَسيہ ڪيشو
اِستِٿَڌِي ڪِمِ پِرَ ڀاشيت ڪِماسيتَ وِرَجيتِ ڪِمِ (٥٤)

अर्जुन उवाच

स्थितप्रज्ञस्य का भाषा समाधिस्थस्य केशव।
स्थितधी: किं प्रभाषेत किमासीत व्रजेत किम्।।५४।।

’’سماڌييتي چِٿَمِ يَسِمِنِ سَ آتما ايوَ سماڌهہ‘‘

جنهن ۾ چت جو سماڌان، (سڀ شڪ دور ڪرڻ) ڪيو وڃي، اُها آتما ئي سماڌي آهي. انادي تَتِوَ ۾ جو سمان ڀاوَ کي پراپت ڪري وٺي، اُن کي سماڌي ۾ استٿ ٿيل چوندا آهن. ارجن پڇيو- ڪيشوَ! سماڌي ۾ استٿ ٿيل استر ٻُڌيءَ وارن مهان پرشن جا ڪهڙا لڪشڻ (نشانيون) آهن. استٿ پرگيہ پرش ڪيئن ڳالهائيندو آهي؟ هو ڪيئن وهندو آهي؟ ڪيئن هلندو آهي؟ چار سوال ارجن ڪيا. ان تي ڀڳوان شري ڪرشن

اسٿت پرگيہ جا لڪشڻ ٻڌائيندي چيو-

श्रीभगवानुवाच

प्रजहाति यदा कामान्सर्वान्पार्थ मनोगतान्।
आत्मन्येवात्मना तुष्टः स्थितप्रज्ञस्तदोच्यते।।५५।।

شري ڀڳوان اُواچ

”پرَجَهاتيِ يدا ڪامانِسَرِ وانِپارِت مَنوگَتانِ
آتَمَنِييواتِمَنا تُشِٽَهہ اِسٿِتَپِرَ گيَسِتَدو چيَتي (٥٥)

پارٿ! جڏهن من ۾ اسٿت سڀني ڪامنائن کي تياڳي ٿو، تڏهن هو آتما سان ئي آتما ۾ سنتشٽ ٿيل اسٿر ٻُڌيءَ وارو چيو ويندو آهي. ڪامنائن جي تياڳ سان ئي آتما جو درشن، جاچ ٿيندي آهي. اهڙو آتمارام آتم ترپت مهاپرش ئي اِسٿِتپِرَگيہ آهي.

दुःखेष्वनुद्विग्नमनाः सुखेषु विगतस्पृहः। .
वीतरागभयक्रोधः स्थितधीर्मुनिरुच्यते।।५६।।

”دُکيشِوَنوُ دِوَگِنَمَنا سُکيشوُ وِگَتَسپِرِهہ
ويِترا گَيَيَڪِروڌهہ اِسٿِتڌيِرِ مُنيرُ چيَتي “ (٥٦)

ديھہ، ديو ۽ سنساري دکن ۾ جنهنجو من پٽڪي نٿو، منجهي نٿو، سکن جي پراپتيءَ ۾ جنهنجي رُچي دور ٿي ويئي آهي ۽ جنهن جو راڳ، ڀئہ ۽ ڪروڌ نشٽ ٿي ويو آهي، منن، ويچار جي مٿئين درجي تي پهتل مُني اِسٿِتَپِرَگيَہ چيو وڃي ٿو. هن جون ٻيون خاصيتون ٻڌائي ٿو.

यः सर्वत्रानभिस्नेहस्तत्तत्प्राप्य शुभाशुभम्।
नाभिनन्दति न द्वेष्टि तस्य प्रज्ञा प्रतिष्ठिता।।५७।।

”يَهہ سَروَترانيِيِسنيهَسِتَتَتِپراپيہ شُيا شيَمِ
نايِي نَندَتيِ نہ دِويشِٽي تَسِيہ پِرَگيا پِرَتِشِٽتا (٥٧)

جو پرش سڀني پاسي بنا سنيھہ ٿي شڀ يا اشڀ کي حاصل

ڪري بہ پرسن رهي ٿو ۽ نہ ڪنهن سان وير رکي ٿو. اُنجي بُڌي اِستر شيِ اُهو آهي جيڪا پرماتم سروپ ۾ لڳائي ٿو. اشيِ اُها آهي، جا پرڪرتي طرف گهيلي وئي وڃي. پر اِستِتَپرَگيہ نہ وڻندڙ حالتن ۾ خوش ٿئي ٿو ۽ نہ اڻ وڻندڙ حالتن سان وير رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ پراپت ٿيڻ لائق وستو نہ هن ڪان الڳہ آهي ۽ نہ خراب ڪرڻ وارا وڪار ئي هن جي لاءِ آهن مطلب هاڻي ساڌن سان هنجو ڪوئي واسطو ئي نہ رهيو. اهڙو اِنسان اِستِتپِرگيہ چيو ويندو آهي.

यदा संहरते चायं कूर्मोऽङ्गानीव सर्वशः।
इन्द्रियाणीन्द्रियार्थेभ्यस्तस्य प्रज्ञा प्रतिष्ठिता।।५८।।

’يدا سَنِهَرَتي چايَم ڪوُرِ مو ڱانيوَ سَروِشَہ
اِندِرِ ياڻي اِندِرِيارِٿي يِيَسِتَسِيَہ پرَگيا پرَتِشِٿِتا (۵۸)

جهڙي طرح ڪڇئون پنهنجي انگن کي سميٽي وٺندو آهي. ٺيڪ اهڙي طرح هيءُ پرش جڏهن سڀني پاسي کان پنهنجي اندرين کي سميٽي ڇڏيندو آهي، تڏهن هنجي بُڌي پڪي ٿيندي آهي. خطرو ڏسي ئي ڪڇئون جهڙي طرح پنهنجو سِرَ ۽ پيرن کي سميٽي وٺندو آهي، ٺيڪ اهڙي طرح جو پرش وشين ۾ گهمندڙ اندرين کي سڀ پاسي کان سميٽي هرديہ- ديش ۾ پڪو جهليندو آهي، ان وقت ۾ ان پرش جي بُڌي پڪي هوندي آهي، پر هيءُ تہ هڪ درشٽانت ماتر آهي. خطري جو احساس متجندي ئي ڪڇئون تہ پنهنجي انگن کي وري ڦهلائي ڇڏيندو آهي، ڇا ان پرڪار استتپرگيہ مهاپرش بہ وشين پدارٿن ۾ رس وٺڻ لڳندو آهي؟ ان تي چون ٿا-

विषया विनिवर्तन्ते निरायारस्य देहिनः।
रसवर्जं रसोऽप्यस्य परं दृष्ट्वा निवर्तते।।५९।।

”وِشيا وِنيِورتنتي نِراهارَسِيہ ديهِنَہ

رَسَوَرجَمِ رسوپيَسيَہ پَرَمِ دِرِشٽوا نِوَرتَتي (٥٩)

اندرين دواران سنساري وشين کي نہ گرهڻ ڪرڻ وارا پرشن جا وشيہ نِوِرِت ٿي ويندا آهن ڇوتہ هو گرهڻ ئي نٿا ڪن پر اُنهنجو موهہ نٿو نورت ٿئي، آسڪتي لڳي رهندي آهي. سيني وشين کان سميٽڻ وارا نشڪامي جو راگہ موهہ پيار بہ ’پَرَمِ دِرِشٽوا‘ پرم تتوَ پرماتما جو ساکياتڪار ڪري نورت ٿي ويندو آهي.

مهاپرش ڪڇئوءَ وانگر پنهنجي اندرين کي وشين ۾ نٿا ڦهلائين. هڪ ڀيري جڏهن اندريون سميٽجي ويون تہ سنسڪار ئي مٽجي ٿا وڃن، وري هو نٿا نڪرن، ظاهر ٿين. نشڪام ڪرم يوگہ جي وهنوار دواران پرماتما جو ساکيات درشن سان گڏ ان پرش جو وشيہ پدارٿن سان چاهہ بہ نورت ٿي وڃي ٿو. گهڻو ڪري چنتن جي راهہ ۾ هٺ ڪن ٿا. هٺ سان اندرين کي روڪي هو وشيہ پدارٿن کان تہ آجا ٿي وڃن ٿا. پر من ۾ اُنهنجو چنتن، چاهہ لڳو ٿو رهي. هيءَ آسڪتي ’پَرَمَ دِرِشٽوا‘ پرماتما جو ساکياتڪار ڪرڻ کانپوءِ نورت ٿئي ٿي، ان ۾ دير ڪونهي.

پوجيہ مهاراج جي هن سنبنڌ ۾ پنهنجي هڪ گهٽنا ٻڌائيندا هئا. گهر ڇڏڻ کانپوءِ اُنهن کي ٽي ڀيرا آڪاشواڻيون ٿيون هيون. اسان پڇيو ’مهاراج جي! توهان کي آڪاشواڻي ڇو ٿي؟ اسان ماڻهن کي تہ ڪونہ ٿي.‘ تڏهن ان تي مهاراج جي چيو- ’هوا ئي شنڪا موهوُمِ کي پَئي رهي‘ مطلب اها شنڪا مونکي بہ ٿي هئي. تڏهن انيوَ ۾ آيو تہ مان ستن جنمن کان لڳاتار سادو آهيان. چار جنم تہ صرف سادُن جهڙو ويسُ ٻڌايو، تلڪ لڳايو، ڪڏي ڀڀوتي لڳائي، ڪڏي ڪرمندل کڻي گهمي رهيو هوس. يوگہ ڪِريا جي ڄاڻ ڪانہ هئي. ليڪن گذريل، ٽن جنمن کان سنو پوتر سادو آهيان جهڙو ٿيڻ کپي.

مون ۾ يوگ ڪريا جاڳرت ٿي. اڳئين جنم ۾ پار ٿيڻ لڳو هوس، نورتي ٿي چڪي هئي؛ پر ٻہ اِڇائون رهجي ويئيون هيون. هڪ استري ۽ ٻي گانجو. انترمن ۾ اڇائون هيون، پر ٻاهران اسان شرير کي درڊ رکيو. من ۾ واسنا لڳل هئي انڪري جنم وٺڻو پيو. جنم وٺندي ئي ٻچوان ٿوري وقت ۾ ئي سڀ ڏيکاريو. ٻڌايو، نورتي ڏيئي ڇڏيائين چوتڪارو ڏيئي ڇڏيائين. ٻہ ٿي جهٽڪا ڏنائين ۽ ساڌو بڻائي ڇڏيو.

ٺيڪ اهڙي ڳالهہ شري ڪرشن چون ٿا تہ اندرين دواران وشين کي نہ گرهڻ ڪرڻ واري پرش جا بہ وشيہ نورت ٿي وڃن ٿا، پر ساڌنا دواران پرم پرش پرماتما جو ساکياتڪار ڪرڻ سان هو وشين جي راگہ چاهہ کان بہ نورت ٿي وڃي ٿو. هاڻي جيستائين ساکياتڪار نہ ٿئي، ڪرم ڪرڻو آهي.

उर कछु प्रथम बासना रही। प्रभु पद प्रीति सरित सो बही।।
(रामचरितमानस, ५/४८/६)

اندرين کي وشين کان سميٽڻ ڏکيو آهي. ان تي روشني وجهن ٿا.

यततो ह्यपि कौन्तेय पुरुषस्य विपश्चितः।
इन्द्रियाणि प्रमाथीनि हरन्ति प्रसभं मनः।।६०।।

’يَتَتو هِيَپي ڪؤنتييہ پُروشَسِيہ وِپِشچِتَہ
اِندِرِياڻي پرماٿِيني هَرَنتِي پرَ سَڀَمِ مَنَہ (٦٠)

ڪؤنتييہ! ڪوشش ڪرڻ واري سياڻي سمجهو پرش جون مليل اندريون هن جي من کي يڪدم گهيري وڃن ٿيون، منجهائي ٿيون ڇڏين! تنهنڪري

तानि सर्वाणि संयम्य युक्त आसीत् मत्परः।
वशे हि यस्येन्द्रियाणी तस्य प्रज्ञा प्रतिष्ठिता।।६१।।

’’تاني سَرِ واڻي سَنيَمِيہ يُڪت آسيت مَتپَرَہ

وَشي هِي يسييندِرَياڻِي تَسيَہ پرَگيا پرَ تِشٺا (٦١)

انهن سڀني اندرين تي ظابطو رکي يوگہ ۾ لڳل ۽ سمپورڻ، پوري طرح منهنجو آسرو هجي، ڇاڪاڻ تہ جنهن پرش جون اندريون وس ۾ هونديون آهن، اُنجي ٻُڌِي اسٿت آهي، هتي يوگ يشور شري ڪرشن ساڌن سان روڪيل شرير سان گڏ هنجي گ هربل، جيڪي ڪرڻ لائق هجي اُن پهلوءَ تي زور ڏين ٿا. صرف ظابطي ڪرڻ ۽ روڪڻ سان اندريون وس ۾ نٿيون اچن. اهو سڀ ڪرڻ سان گڏ اشٽ، پرماتما چنتن ضروري آهي. پرماتما جو چنتن نہ هوندو تہ وشين جو چنتن ٿيندو، جنهنجو نتيجو شري ڪرشن جي شبدن ۾ ڏسون.

ध्यायतो विषयान्पुंसः सङ्गस्तेषूपजायते।
सङ्गात्सञ्जायते कामः कामात्क्रोधोऽभिजायते।।६२।।

’ڌِيايَتو وشَيَنِپُنِسَہ سَنگسِتيشوُ پجايَتي

سنگاتِسَنجايَتي ڪامَہ ڪاماتِڪروڌو ڀِي جايَتي (٦٢)

وشين جو چنتن ڪرڻ واري پرش جي اُنهن وشين ۾ آسڪتي، موهہ ٿي ويندو آهي. آسڪتي مان ڪامنا اُتپن ٿئي ٿي. ڪامنا پوري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ اچڻ سان ڪروڌ اتپن ٿئي ٿو. ڪروڌ ڪنهنکي جنم ٿو ڏئي؟

क्रोधाद्भवति सम्मोहः सम्मोहात्स्मृतिविभ्रमः।
स्मृतिभ्रंशाद् बुद्धिनाशो बुद्धिनाशात्प्रणश्यति।।६३।।

’ڪروڌادِ ڀَوَتِي سَمموهَہ سَمموهاتِسمرِتي وِڀِرَمَہ

سِمرِ تيڀرَنِشادِ بڌِيناشو، بڌِينا شاتِپرَڻَشيَتي (٦٣)

ڪروڌ سان گهڻي موڙهتا مطلب اوويڪ اُتپن ٿيندو آهي ۽ نِتيہ اَنِتيَہ وستوءَ جو ويچار نٿو رهي. اوويڪ سان سمرڻ شڪتي (يادگيري) ناس ٿي وڃي ٿي (جيئن ارجن کي ٿيو آهي- ’ڀرَ مَتيوَ چَ مي مَنَہ‘ (١-٣٠) گيتا پوري ٿيڻ تي هن چيو نِشٽوموهَہ:

سِمرِ تيرِ لَبِڌا (۷۳-۱۸) چا ڪريان، چا نہ ڪريان. ان جو نِرنئہ نتي ٿيو) سمرتي ڀرم ۾ اچڻ سان يوگہ سان پريل ٻُڌي ناس ٿي وڃي ٿي ۽ ٻڌي ناس ٿيڻ سان هي پرش پنهنجي پوتر ساڌن کان پري ٿي ٿو وڃي.

هتي شري ڪرشن زور ڏنو آهي تہ وشين جو چنتن نہ ڪرڻ گهرجي. ساڌڪ کي نالي، روپ، ليلا ۽ ڌام ۾ ئي ڪٿي لڳو رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ وشين جي ڍرو ڇڏڻ سان من وشين ۾ ويندو. وشين جي چنتن سان آسڪتي، موهہ ٿي ويندو آهي. آسڪتي، موهہ سان ان وشيہ جي ڪامنا ساڌڪ جي اندرئين من ۾ ٿيڻ لڳي ٿي. ڪامنا جي پورتيءَ ۾ رڪاوٽ اچڻ سان ڪروڌ، ڪروڌ کان اوويڪ، اوويڪ سان سمرتي ڀرم ۽ سمرتي جي ڀرم سان ٻڌي نشٽ ٿي وڃي ٿي. نشڪام ڪرم کي ئي ٻُڌي يوگہ چيو ويو آهي، سريشٽ ٻُڌيءَ جي تهہ ۾ ويچار رکڻ گهرجي تہ ڪامنائون نہ اچن، ڦل آهيئي ڪونہ، ڪامنا اچڻ سان ٻُڌي يوگہ جي سريشٽتا ناس ٿئي ٿي. 'ساڌن ڪَريہ وچارهين من شڌ هوءِ تهين تئسي' (ونيہ پتريڪا، پد سنکيا) (۳-۱۱۵) ويچار ضروري آهي. ويچار کان سچو پرش- آتم ساڌن کان ڪِري پوي ٿو. ساڌنا جي مالها ٽٽي پوي ٿي، سڀ نشٽ ٿئو ٿئي. يوڳڻ کانپوءِ ساڌنا اُتان ئي وري شروع ٿئي ٿي، جتي ڇڏي آهي، جتي ٽُٽي آهي.

هيءَ تہ وشين ۾ ڦاٿل ساڌڪ جي حالت آهي. سواڌين انتهڪرڻ وارو ساڌڪ ڪنهن طرح پرمگتي کي پراپت ڪري ٿو؟ ان تي شري ڪرشن چون ٿا:-

रागद्वेषवियुक्तैस्तु विषयानिन्द्रियैश्चरन्।
आत्मवश्यैर्विधेयात्मा प्रसादमधिगच्छति ।।६४।।

'راگہدويشَوِ يُڪتئيِستوُ وِشَيانِندِرِيَئيشچَرَنِ

آتِمَوَ شَبيرِ وِڌيياتما پرَساد مَڌيگڇتي (٦٤)

آتما جي وِڌيءَ کي پراپت جن پرماتما جو ساکيات کيل مهاپرش راڳ- دويش کان رهت وس ۾ کيل پنهنجي اندرين دواران 'وِشيانِ چَرَ نِہ' وشين ۾ گهمندي بہ 'پِرساد مَڌيگڇتي' انتهڪرڻ جي نرملتا کي حاصل ڪري ٿو. هو پنهنجي پاوَ درشٽي ۾ رهندو آهي. مهاپرش لاءِ وڌيءَ سان ڪرڻ يا نہ ڪرڻ نٿو رهي. ان جي لاءِ ڪٿي بہ اپوتر، اشڀ نٿو رهي، جنهن کان هو بچاءُ ڪري يا ان جي لاءِ ڪوئي شڀ باقي نٿو رهي، جنهنجي هو ڪامنا ڪري.

प्रसादे सर्वदु:खानां हानिरस्योपजायते।
प्रसन्नचेतसो ह्याशु बुद्धि: पर्यवतिष्ठते।।६५।।

'پرَسادي سَروَ دُکانامِ هانيرَسِيو پَجايتي
پرَسَن چيتَسو هِياشوُ بُڌي هَہ پَريوَتِشٽتي (٦٥)

ڀڳوان جو پورڻ ڪرپا پرساد 'ڀڳوتا' سان مليل هئڻ تي هنجي سمپورڻ دکن جو اياوَ ٿي ويندو آهي، 'دُکالَيَمِ اَشاشِوتَمِ' گيتا ٨-١٥) سنسار جو بہ اياءُ (نہ هئڻ) ٿي ويندو آهي ۽ ان پرسن چت واري پرش جي بڌي جلد ئي تمام سٺي طرح استر ٿي ويندي آهي. پر جيڪو يوگہ سان مليل ڪونهي. ان جي حالت تي ٿا پرڪاش وجهن.

नास्ति बुद्धिरयुक्तस्य न चायुक्तस्य भावना।
न चाभावयत: शान्तिरशान्तस्य कुत: सुखम्।।६६।।

'ناسِتي بڌيرَ يُکتَسيَہ نَہ چايُکتَسيَہ ڀاونا
نہ چاڀاوَيَتَهہ شانِتيرَ شانِتسيہ کُتَهہ سُکَمِ (٦٦)

يوگہ ساڌنا کان رهت پرش جي انتهڪرڻ ۾ نشڪام ڪرم واري بُڌي نٿي ٿئي. اُن يوگہ سان نہ مليل هئڻ جي ڪري انتهڪرڻ ۾ ڀاءُ بہ نہ هوندو آهي. ڀاونا بنا پرش کي شانتي ڪٿي

آهي ۽ اشانت پرش کي سکه ڪٿي؟ يوگه ڪِريا ڪرڻ سان ڪجهه ڏسڻ ۾ اچڻ سان به ڀاو بڻجندو آهي. ’جاني بِنِ نه هوءِ پَرِتيتي‘ (مانس ٧-٨٨ که ٧) ڀاونا بنا شانتي نٿي ملي ۽ شانتي رهت پرش کي سکه معنيٰ اوچو، سناتن نٿو ٿئي.

इन्द्रियाणां हि चरतां यन्मनोऽनुविधीयते।
तसदस्य हरति प्रज्ञां वायुर्नाविमिवाम्भसि।।६७।।

’اِندِرِ ياڻامِ هي چَرَتامِ يَنمنو نُوڌييتي
تَدَسِيه هَرَتي پرَگيام وايُوَرنا وَمِوامِڀَسي (٦٧)

پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ کي جنهن طرح هوا اُڏائي ڪناري ڪان پري ڪري ڇڏيندي آهي، نيڪ ائين ئي وشين ۾ وچرڻ ڪندڙ اندرين ۾ جهڙي طرح اندريءَ سان من رهي ٿو، اها هڪ ئي اندري ان بنا يوگه واري پرش جي ٻُڌيءَ کي ڪسي وٺندي آهي. هاڻي يوگه جو آچرڻ ڪرڻ ضروري آهي. ڪرياتمڪ آچرڻ تي شري ڪرشن زور ڏئي ٿو.

तस्माद्यस्य महाबाहो निगृहीतानि सर्वशः।
इन्द्रियाणीन्द्रियार्थेभ्यस्तस्य प्रज्ञा प्रतिष्ठिता।।६८।।

’تَسمادِيَسيَه مهاباهو نِگرِهيتاني سَرِوَشَه
اندرياڻينِدرِ يارِتي ڀيَستَسيَه پرَگيا پرَتشٺتا (٦٨)

ان سان هي مهاباهو! جنهن پرش جون اندريون اندِرِين جي وشين سان سدائين وس ۾ ڪيل هونديون آهن، اُنجي ٻُڌي استر معنيٰ پڪي ٿيندي آهي، ’باهوُ‘ ڪاريه ڪيتر جي نشاني آهي. ڀڳوان مهاباهو ايوَمِ آجانوباهوُ چيا وڃن ٿا. هو بنا هٿن پيرن جي سڀ ڪم ڪندا آهن. اُن ۾ جو داخل ٿئي ٿو يا جو اُن ڀڳوتا طرف لاڙو رکي ٿو اُهو به مهاباهو آهي. شري ڪرشن ۽ ارجن ٻنهي کي مهاباهو چيو ويو آهي.

या निशा सर्वभूतानां तस्यां जागर्ति संयमी।
यस्यां जाग्रति भूतानि सा निशा पश्यतो मुनेः ।।६९।।

يا نِشا سَروَ ڀوُتانام تَسِيام جاگرتِي سَنيَمِي
يَسِيامِ جاگرتِي ڀوُتانِي سانِشا پَشِيَتو مُنيهَ (٦٩)

سڀني لوڪن جي لاءِ هو پرماتما رات وانگر آهي ڇاڪاڻ تہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي، نہ ويچار جو ڪم ٿو ڪري ان ڪري رات صاف درشتمان آهي. اُن رات ۾ پرماتما سان پريم ڪندڙ پرش ڇڱيءَ طرح ڏسن ٿا، هلن ٿا، جاڳن ٿا ڇو جو اهوئي هننجو قعلو آهي. يوگي اندرين دواران ان ۾ پرويش ڪن ٿا، اُنهنکي داخلا ملي ٿي وڃي. جن ناسوان سنساري سڪن- ڀوڳن جي لاءِ سڀ پراڻي رات ڏينهن محنت ڪن ٿا، يوگيءَ لاءِ اهائي رات آهي.

रमा विलासु राम अनुरागी। तजत बमन जिमि जन बड़भागी।।
(रामचतितमानस, २/३२३/८)

”رما ولاسُ رام انوراگي اتجَت بَمَن جِمِ جَنَ وڏڀاڳي“
(رام چرتمانس ٢، ٣٢٣، ٨)

جيڪي يوگي پرمارٿي- پٿ ۾ هميشه سجاڳہ ۽ سنساري ڀوڳن کان هميشه اڻ ڇهيا رهندا آهن. اُهيئي اُن پرماتما ۾ داخلا پائين ٿا. هو رهي تہ سنسار ۾ ئي ٿو، پر سنسار جو اُن تي ڪوبہ اثر نٿو پوي. مهاپرش جي ان رهڻيءَ جو چٽر ڏسو-

आपूर्यमाणमचलप्रतिष्ठं
समुद्रमापः प्रविशन्ति यद्वत्।
तद्वत्कामा यं प्रविशन्ति सर्वे
स शान्तिमाप्नोति न कामकामी ।।७०।।

’آپوُرِيماڻمَچل پرَتِشٺَمِ،
سَمُدِرَماپَهَ پرَوِشنِتِي يَدِوَتِ ۱

تَدِوِتِڪاما يَمِ پِرَوِشَنِتِي سَرِوي،
سَ شانتِيماپِنوتِي نَ ڪام ڪامِي ا (٧٠)

جيئن سڀ پاسي کان پريپورڻ اچل پرتشناواري سمندر ۾ ندين جو جل اُن کي چلائمان نہ ڪندي بہ وڏي رفتار سان اُن ۾ سمائجي ويندو آهي.

تيئن اهڙي طرح پرماتما ۾ استت، استت پرگيہ پرش ۾ سمپورڻ يوڳہ وڪار اُتپن ڪرڻ بنا سمائجي ويندا آهن. اهڙو پرش پرم شانتيءَ کي پراپت ڪري ٿو، نہ ڪِ ڀوڳن جي چاهنا رکڻ وارو.

ڀينڪر رفتار سان وهڻ واريون هزارين ندين جي قطار فصل کي نشٽ ڪندي، هٽيائون ڪنديون، نگرن کي ٻوڙيندي، هاهاڪار مچائيندي تکي رفتار سان سمنڊ ۾ ڪرن ٿيون، پر سمنڊ کي نہ هڪ انچ مٿي اُٿيل ڏسون ٿا ۽ نہ ڪريل ئي ڏسون ٿا بلڪ اُن ۾ ئي سمائجي وڃي ٿو. تيئن اهڙي پرڪار استتپرگيہ مهاپرش ڏانهن سمپورڻ ڀوڳہ ايتري ئي رفتار سان اچن ٿا، پر سمائجي وڃن ٿا. اُنهن مهاپرشن ۾ نہ شڀ سنسڪار وجهي سگهن ٿا ۽ نہ اشڀ. يوگيءَ جا ڪرم اَشڪل ۽ اڪرشڻ ٿيندا آهن. چاڪاڻ تہ جنهن چت تي سنسڪار پوندا آهن، اهو جهلجي ويو ۽ ملي ويو. ان سان گڏ ئي ڀڳوتا جي استتي اچي ويئي. هاڻي سنسڪار پون بہ تہ ڪٿي؟ هن هڪ ئي سلوڪ ۾ شري ڪرشن ارجن جي ڪيترن سوالن جو سماڌان ڪري ڇڏيو. هنجي اچا هئي تہ استتپرگيہ مهاپرش جا لڪشڻ، نشانيون ڪهڙيون آهن؟ هو ڪيئن ٿو ڳالهائي، ڪيئن ٿو وهي، ڪيئن ٿو هلي؟ شري ڪرشن هڪ اکر ۾ جواب ڏنو تہ هو سمنڊ وانگر ٿيندا آهن. اُنهن جي لاءِ وِڌِي يا نشيڌ نہ ٿيندو آهي، اُنهن لاءِ ڪوبہ بنڌن نہ ٿيندو آهي تہ هيئن وهي، هيئن

هلي. اُهيئي پرم شانتي پائين ٿا، ڇاڪاڻ تہ هو سنيمي آهن. يوڳہ جي ڪامنا وارا شانتي نٿا پائين. ان تي وري چون ٿا.

विहाय कामान्यः सर्वान्पुमांश्चरति निःस्पृहः।
निर्ममो निरहङ्कारः स शान्तिमधिगच्छति।।७१।।

'وِهايہ ڪامانِيَہ سَروانِپما مِشچرتِي نِسپِرهَہ
نِرمَمو نِرهنڪارهہ سَ شانتِمَڌِي گَڇتِي (٧١)

جيڪو پرش سيني ڪامنائن جو سمپورڻ موهہ ڪي تياڳي 'نِرمَمَہ' مان ۽ منهنجي جي ڀاوَ ۽ اهنڪار ۽ تمنا کان رهت ورتاءُ ڪري ٿو، هو اُن پرم شانتيءَ کي پراپت ڪري ٿو، جنهن کانپوءِ ڪجهہ بہ وڌيڪ پائڻ لاءِ باقي نٿو رهي.

एषा ब्राह्मी स्थितिः पार्थ नैनां प्राप्य विमुह्यति।
स्थित्वास्यामन्तकालेऽपि ब्रह्मनिर्वाणमृच्छति।।७२।।

'ايشا بِراهمِي اِسٿِتي پارٿ نئينام پراپيہ وِمُهيَتي
اِسٿِتواسِيا مَنتَڪالي- پِي بِرَهمَنِوارَڻمِرچِتِي (٧٢)

پارٿ ! مٿي ٻڌايل اسٿتي برهم پراپت ڪيل پرش جي اِسٿتي آهي. سمنڊ وانگر مهاپرشن ۾ وشيہ ندين وانگر سمائجي ويندا آهن. هو پورڻ سنيمي ۽ پرماتما جو ساکيات درشن ڪرڻ وارا آهن. رڳو اَهِم برهماسِمِي' پڙهڻ ۽ رٽڻ سان هيءَ اسٿتي نٿي ملي. ساڌنا ڪري ئي هن برهم اسٿتيءَ کي پايو ويندو آهي. اهڙا مهاپرش برهم نشٺتا ۾ اسٿت رهندي شرير جي انتڪال ۾ بہ برهمانند کي پراپت ٿين ٿا.

تاتپرج:- گهڻو ڪري گهڻا ماڻهو چوندا آهن تہ ٻئين اڌياءَ ۾ گيتا پوري ٿي ويئي، پر فقط ڪرم جو نالو وٺڻ سان ڪرم پورو ٿي ويندو هجي، تڏهن تہ گيتا جو پورو ٿيڻ مڃي سگهجي ٿو. هن اڌياءَ ۾ يوگيشور ڪرشن اِهوئي ٻڌايو آهي تہ- ارجن! نشڪام ڪرم جي باري ۾ ٻُڌ، جنهن کي ٻُڌي تون سنسار-

ٻنڌن کان ڇٽي ويندين. ڪرم ڪرڻ تي تنهنجو اڌڪار آهي، ڦل تي اصل نہ. ڪرم ڪرڻ ۾ تنهنجي اشرڌا بہ نہ هجي. هميشه ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃ. هن جي نتيجي ۾ تون 'پَرَمَ دِرِشِٽوا' (۵۹-۲) پرم پرش جو درشن ڪري استتپرَگيہ بڻجندين، پرم شانتي پائيندين، پر اِهو بہ ٻڌايو آهي تہ 'ڪرم' آهي ڇا؟

هيءُ سانکيہ يوگہ نالي اڏياءُ ڪونهي. هيءَ شاسترڪار جي نالي تي نہ آهي، اڻ پڙهيل ٽيڪاڪارن جي دين آهي. هو پنهنجي ٻُڌيءَ انوسار ئي گرهڻ ڪن تہ اُن ۾ عجب ڪهڙو آهي؟

هن اڏياءَ ۾ ڪرم جو ڪرڻ، ان جي ڪرڻ ۾ ورتل ساوڌاني ۽ استتپرگيہ جا لڪشڻ ٻڌائي شري ڪرشن ارجن جي من ۾ ڪرم جي لاءِ اُتڪنٺا جاڳرت ڪئي آهي، هن کي سوال ڏنا آهن.

آتما پوتر آهي، سناتن آهي. ان کي ڄاڻي تتوَ درشي بڻجو. هنجي پراپتي جا بہ ساڌن آهن. گيان يوگہ ۽ نشڪام ڪرم يوگہ. پنهنجي شڪتي کي سمجهي، هاڃي لاڀ جو پاڻيهي نرنئہ وٺي ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ نشڪام ڪرم يوگہ يا ڀڳتي مارگہ آهي. گوسوامي تلسيداس ٻنهي جو چترڻ هن پرڪار ڪيو آهي.

मोरे प्रौढ़ तनय सम ग्यानी।
बालक सुत सम दास अमानी।।
जनहि मोर बल निजबल ताही।
दुहु कहँ काम क्रोध रिपु आही।।
(रामचरितमानस, ३/४२/८-९)

'موري پرَئوڙھ تَنَيہ سَمَ گياني ا
بالڪ سُتَ سَمَ داس اَماني اا

جَنَهہ موربَلَ نِجَبَلَ تاهي ।
دُکہ کَهَنہ کام ڪِروڌ رِپُ آهِي ॥
(رام چَرِتمانس، 9-8/42/3)

منهنجا ٻن پرڪارن جا ڀڄن ڪرڻ وارا آهن. هڪ گيان مارگي- ٻيون ڀڳتي مارگ. نشڪام ڪرم مارگي يا ڀڳتي مارگ ي شرناگت تي منهنجو سهارو وٺي هلي ٿو، گيان يوگي پنهنجي شڪتي سامهون رکي پنهنجي هاجي لاڀ جو ويچار ڪري پنهنجي پروسي هلندو آهي، جڏهن ته ٻنهي جا دشمن هڪ ئي آهي. گيان مارگيءَ کي ڪام ڪروڌ وغيره تي جيت پائڻي آهي ۽ نشڪام ڪرم يوگيءَ کي به انهن سان يڌ ڪرڻي آهي. ڪامنائن جو تياڳ ٻنهي کي ڪرڻو آهي ۽ ٻنهي مارگ ن ۾ ڪرڻ وارو ڪرم به هڪ ئي آهي. ’هن ڪرم جي ڪرڻ سان پرم پراپتيءَ کي پراپت ٿي ويندو.‘ پر اهو ڪونه ٻڌايو ته ڪرم آهي ڇا؟ هاڻي توهان جي سامهون ’ڪرم‘ هڪ سوال آهي. ارجن جي من ۾ به ڪرم لاءِ جڳياسا ٿي. ٽئين اڌياءَ جي شروع ۾ ئي هن ڪرم جي باري ۾ سوال ظاهر ڪيو آهي، ورٽن ڪيو آهي. هاڻي

اوم تَتِسَدِتي شريمد ڀَڳودي تاسوُپَنِشَتِسوُ برهم وِديايام يوگہ شاستري شري ڪرشنارجن سَموادي ’ڪَرِمَ جِڳياسا‘ نامَ دِوَتييوڌيايَهہ

ان پرڪار شريمَدِ ڀَڳوَدِ گيتا روپي اُپَنِشَدِ ايوَمِ بِرَهَمِ وديا تٿا يوگہ شاسِترَ اڌياءُ پورو ٿيو.

اِتي شِرِيمَتپَرِمَهَنِسَ پَرمانندسِيہ شِشِيَسوامي اَڙَگَڙانَندَ ڪِرتي شِرِيمدِ ڀَڳودَ دِوَتييا ’يٿارت گيتا‘ ڀاشيي ’ڪَرِم جِگِياسا‘ نام دِوَتيتو ڌيايَهہ (٢)

॥ هري اوم تَتِ سَتِ ॥